Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

ABC CERTIFIED

روزاني
پاڪ
ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 اڱارو 04 فيبروري 2025ع بمطابق 05 شعبان المعظم 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 082

پي ٽي آءِ پاڪ فوج سان گڏ آهي، پاليسين تي نظرثاني ڪريو، عمران خان جو آرمي چيف کي خط

سوشل ميڊيا تي ڪريڪ ڊائون ڪرڻ لاءِ پيڪا قانون آندو ويو، تنقيد کي گهٽ ڪرڻ، صحافين کي ڌمڪيون ڏيڻ سان سڄو نزلو فوج تي ڪِري رهيو آهي، ملڪي معيشت ڳوڙهن پريشاني آهي: عمران خان

خط ۾ پهريون نڪتو فراڊ اليڪشن ۽ مين لانڊررز کي ڪنٽرول بابت آهن، ٻيو نڪتو 26هين آئيني ترميم، قانون جي حڪمراني ۽ عدليا متاثر ٿيڻ تي آهي: فيصل چوڌري

چوٿون نڪتو پي ٽي آءِ خلاف دهشتگردي جي ڪيسن، ڇاپن ۽ گوليون هلائڻ تي آهي، جڏهن ته پنجون نڪتو انٽيليجنس ادارن جي ڪم بابت آهي: وڪيل عمران خان

عمران خان خط ۾ سيڙپڪاري گهٽ ٿيڻ، انٽرنيٽ بندش جو معاملو اٿارڻ سان گڏ جڊيشل ڪميشن جوڙڻ ۽ پاليسيون تبديل ڪرڻ جي به درخواست ڪئي آهي: جيل ٻاهران ڳالهيون

راولپنڊي (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان آرمي چيف جنرل عاصم منير کي خط لکي ڇڏيو اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي عمران خان جي وڪيل فيصل چوڌري چيو ته پي ٽي آءِ باني پارٽي سربراهه ۽ اڳوڻي وزيراعظم طور آرمي چيف کي 6 نڪتن تي ٻڌل خط لکيو آهي. فيصل چوڌري /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

ڪوئيٽا: وزيراعظم شهباز شريف زخمي جوان جي عيادت ڪري رهيو آهي

خاتون اول آصفه ڀٽو جي سالگرهه تي بختاور جو خوبصورت پيغام

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) خاتون اول آصفه ڀٽو جي سالگرهه تي وڏي ڀيڻ بختاور ڀٽو خوبصورت انداز /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

نئون زرعي آمدني ٽيڪس بل سنڌ ڪابينا جي منظوري بعد سنڌ اسيمبليءَ مان به منظور

صوبن ۽ وفاق وچ ۾ مالي معاهدي تحت نئون زرعي آمدني ٽيڪس بل سنڌ ڪابينا مان منظوري بعد اسيمبلي پهتو جتي اڪثريت راءِ سان پاس ٿيو

نئين آمدني ٽيڪس موجوب 6 لک زرعي آمدني تي ڇوٽ ۽ 56 لک رپين کان وڌيڪ سالياني آمدني تي وڌ ۾ وڌ 45 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ٿي ويو

هڪ پروگريسو سپر ٽيڪس پڻ متعارف ڪرايو ويو، جنهن تحت هر سال 15 ڪروڙ رپين تائين جي زرعي آمدني تي ڪوبه سپر ٽيڪس نه لاڳو نه ٿيندو

چوپائي مال کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل نه ڪيو ويو ۽ زمين جي پوک جي بنياد تي لاڳو ٿيندڙ ايڊوانس زرعي آمدني ٽيڪس کي پڻ ختم ڪيو ويو آهي

ڪراچي (امداد سومراهه): سنڌ ڪابينا زرعي آمدني تي ٽيڪس جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. جنهن ۾ سالياني لک رپين تائين جي زرعي آمدني تي ٽيڪس ڇوٽ ڏني وئي آهي. جڏهن ته سالياني 56 لک رپين کان وڌيڪ آمدني تي ٽيڪس جي وڌ ۾ وڌ شرح 45 سيڪڙو هوندي. هڪ پروگريسو سپر ٽيڪس پڻ متعارف ڪرايو ويو جنهن تحت هر سال 15 ڪروڙ رپين تائين جي زرعي آمدني تي ڪوبه /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

ڪراچي: وڏي وزير مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينا جو اجلاس ٿي رهيو آهي

زراعت کاتي سنڌ جي 110 آفيسرن جي 17 کان 18 گريڊ ۾ ترقي

سيڪريٽري زراعت جي سربراهي ۾ اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪامورن کي پروموشن ڏنا ويا

ترقي ماڻيندڙن ۾ 104 زرعي آفيسر، 2 پلاننگ، 1 ريسرچ آفيسر ۽ ٻيا پڻ شامل آهن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت پاران زراعت کاتي جي 110 آفيسرن کي گريڊ 17 کان 18 ۾ ترقيون ڏنيون ويون. ان حوالي سان زراعت کاتي جي سيڪريٽري جي صدارت هيٺ هڪ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ گريڊ 17 کان 18 /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي ججن جي بدلي کي آئين تحت سنئون قدم قرار ڏئي ڇڏيو

بلوچي ۽ سنڌي جج آيو، وفاق سڀني جو آهي، بدلين تي راضي آهيان: چيف جسٽس

اسلام آباد وفاق جي علامت آهي، اسان کي اسڪول موڪليو ويندو آهي ته توهان جينٽل مين بڻجي اچو: يحيٰ آفريدي

ٻين صوبن مان وڌيڪ جج به اچڻ گهرجن، وقت لڳندو سڀ ٺيڪ ٿي ويندو: پريس ايسوسيئيشن جي تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس پاڪستان يحيٰ آفريدي ججن جي بدلي کي آئين تحت سنئون قدم قرار ڏئي ڇڏيو. اسلام آباد ۾ پريس ايسوسيئيشن جي حلف برداري تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ نون ججز ڪم شروع ڪري ڇڏيو، وڪيلن جي جزوي هڙتال

لاهور هاءِ ڪورٽ کان ايندڙ جسٽس سرفراز ڊوگر 3 ڪيسز جي ٻڌڻي ڪئي. ڊپٽي اٽارني جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل ججز کي پليڪار چيو

خوفزده ٿي هڪ نه 3 ججز جو ٽرانسفر ڪيو ويو، پنهنجي مرضي جا ججز شامل ڪيا ويا آهن: بار عهديدار

جج صاحبان قدم نه کنيو ته انهن جي ڏقعت ختم ٿي ويندي، ٽن ججز جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ منتقلي جو نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ نون ججز ڪم شروع ڪري ڇڏيو آهي، جسٽس سرفراز /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

اسلام آبادهاءِڪورٽ ۾ نوان مقرر ٿيل ججن جو فائيل فوٽو

پيڪا ايڪٽ جو مقصد ڪوڙين خبرن جوخاتمو، سوشل ميڊيا جي خطرن جو تدارڪ ڪرڻ آهي: عطاءُالله تارڙ

اسلام آباد:(م د) وفاقي اطلاعات واري وزير عطاءُالله تارڙ چيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

سون جو اگهه نئين بلند ترين سطح تي پهچي ويو، خريدار پريشان

ڪراچي (م د) پاڪستان ۾ في تولي سون جي قيمت ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

بزدلاڻيون ڪارروايون ترقي ۽ خوشحالي جي عزم کي نٿيون روڪي سگهن: وزيراعظم

دهشتگرد بلوچستان جي امن امان، ترقي، خوشحالي جا دشمن آهن، دهشتگرد نٿا چاهين ته بلوچستان جا ماڻهو خوشحال ٿين

بلوچستان جي ترقي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي، صوبي ۾ صحت ۽ تعليم جي معياري سهولت جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون

اسان جا سپوت ماضي جي غلطين کي رت جا نذرانا پيش ڪري ازالو ڪري رهيا آهن: شهباز شريف جو اجلاس کي خطاب

ڪوئيٽا (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته بلوچستان جي ترقي جو سفر جاري آهي ۽ وڳوڙين جون بزدلاڻيون ڪارروائيون بلوچستان جي ترقي جي عزم کي نٿا روڪي سگهن. وزيراعظم هڪ ڏينهن جي دوري تي ڪوئيٽا /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

وفاقي سرڪار پ پ جا مطالبا رد ڪري ڇڏيا، تڪراري ترقياتي اسڪيمون بحال

ستن مهينن ۾ 460 ارب روپين جي روينيو شارٽ فال جي باوجود ترقياتي اسڪيمون بحال ڪيون ويون: ذريعا

ايس اي پي پروگرام جو بجيٽ 25 ارب روپين مان وڌائي 50 ارب روپيه ڪئي وئي، پارليامينٽيرينز جي لاءِ فنڊز جي ورهاست جا اصول به نرم ڪيا ويا

حڪومت مالي بحران جي باوجود حڪومتي ميمبرن جي لاءِ فنڊز جي فوري ورهاست جو فيصلو ڪيو آهي

اسلام آباد: (، د) وفاقي سرڪار پنهنجي اهم اتحادي پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽي جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو ۽ پارليامينٽ ميمبرن جون تڪراري ترقياتي اسڪيمون بحال ڪري ڇڏيون. ذريعن موجب ستن مهينن ۾ 460 ارب روپين جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

اهم معاهدن تي صحيحون، سعودي پاڪستان کي تيل تي دير ادائيگي جي سهولت ڏيندو

اسلام آباد (م د) پاڪستان ۽ سعودي ڊيولپمينٽ فنڊ وچ ۾ 1.61 ارب ڊالرن جي معاهدن /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

رمضان شگرمل ڪيس جو فيصلو محفوظ، 6 فيبروري تي ٻڌايو ويندو

لاهور جي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ ۾ رمضان شگرملز ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

شهباز شريف ۽ حمزه شهباز تي ڪيس سياسي بنيادن تي ناهيو ويو: وڪيل

لاهور (م د) اينٽي ڪرپشن ڪورٽ شهباز شريف ۽ ان جي پٽ حمزه شهباز جي خلاف رمضان شوگرملز ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

هر اسٽوري ۽ اخبار فيس بڪ تي
صبح سوير ويب سائيٽ تي
www.dailypak.net
روزاني پاڪ ڪراچي هاڻي هڪ ڪلڪ اڳتي
صبح سوير هر گروپ ۾ PDF
هر خبر يوٽيوب تي
PAK DIGITAL MEDIA
Daily PAK Karachi
DAILY PAK 1st FEB 2025.pdf
PAK Digital Media
Follow us on: daily pak karachi

جسقم آريسر جو پيادل مارچ ڀرياسٽي پهچڻ کان پوءِ منزل طرف روانو

ڪئنال اڏي سنڌ کي بنجر بڻايو پيو وڃي، وسيلن جي مالڪي ڪرڻي پوندي: اسلم خيرپوري

سنڌي سجاڳ ٿين، پيپلز پارٽي سنڌ جي ماڻهن جي مالڪي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي

23 فيبروري تي سنڌ ڪراچي ۾ گڏ ٿي سنڌ دشمن منصوبن خلاف آواز بلند ڪن: خطاب

ڀرياسٽي (ن پاڪ) جسقم آريسر جو پيادل مارچ ڀرياسٽي پريس ڪلب آڏو پهتو ان موقعي تي اڳواڻن اسلم خيرپوري سرمد ميرائي نظام ڪيريو ڪرن نظاماڻي ۽ ٻين چيو ته وفاق سنڌو مٿان غير قانوني طور 6 ڪئنال اڏي /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

ميئر ڪراچي پاڻي بلن بابت رعايت ڏيڻ واري پاليسي ۾ ٽن مهينن جي واڌ ڪري ڇڏي

پاليسي تحت شهرين کي قسطن ۾ واٽر ڪارپوريشن جون بقاياڻون جمع ڪرائڻ جو موقعو ملندو: مرتضيٰ وهاب

رعايتي پاليسي سان واٽر ڪارپوريشن جي آمدني ۾ هر مهيني 20 ڪروڙ روپين جو اضافو ٿيو آهي: ميئر ڪراچي

رعايتي اسڪيم کي 3 مهينن جي وڌيڪ عرصي جي لاءِ 30 اپريل 2025 تائين واڌارو ڪري ڇڏيو: ترجمان واٽر ڪارپوريشن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

ڪراچي ۾ اڄ ۽ سڀاڻي کان ٿڌ جي شدت ۾ واڌ جو امڪان

اڄ ۽ سڀاڻي رات جو ٿڌ جي شدت ۾ معمولي واڌ جو امڪان آهي: ميٽرولاجسٽ

پارو 12 کان 10 ڊگري تائين وڃي سگهي ٿو، رمضان ۾ موسم بهتر ٿي سگهي ٿو

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) چيف ميٽرولاجسٽ سردار سرفراز اڳاري ۽ اربع تي ڪراچي ۾ ٿڌ جي شدت ۾ واڌ جي اڳڪٿي ڪري ڇڏي. هن ٻڌايو ته ڪراچي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ڪراچي بار ججز جي بدلين کي عدليا جي آزادي مٿان حملو قرار ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ جي مختلف صوبن مان ججن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

لاڙڪاڻي پرسان ڏامراهه ڳوٺ جي گرلس هائر سيڪنڊري اسڪول ۾ ”سمبارا“ مئگزين جي مهورتي تقريب

اسڪولن ۾ گوسٽ استادن جي گنجائش ناهي، تعليم کي بهتر بڻائڻ لاءِ ايڊاپشن پاليسي ڪئي آهي: نثار کهڙو

ٻارن کي ٽيبلوز پيش ڪندي ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ تقريرون ڪندي ڏاڍي خوشي ٿي آهي

ڪارپوريٽ سيڪٽر وارن کي گهرائڻ گهرجي ته جيئن گريجوئيٽ صلاحيتن جو مظاهرو ڪري ڪارپوريٽ سيڪٽر ۾ ملازمتون حاصل ڪري سگهن: خطاب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڏامراهه ڳوٺ جي گورنمينٽ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ اينوئيل ڊي جي سِري هيٺ شاگردياڻين طرفان آرٽيفيشل انٽيليجنس ۽ چيٽ جي پي ٽي جي ذريعي سنڌو ماٿري /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

غوثپور مان اغوا ٿيل پورهيت بازياب نه ٿيا، وارثن جو انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو

لياقت علي ڀلڪاٽي، شڪيل احمد ڀلڪاٽي کي ڪشمور پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي

ٻنهي مغوين جي وارثن عرض محمد، رمضان، سوڍو جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هڻي نعريبازي ڪئي

گذريل ٻن مهينن کان ايس ايس پي ڪشمور سڪا دلاسا ڏيئي رهيو آهي، اڳيرائي ناهي ٿي: وارث



غوثپور (حاجي شاهنواز شيخ) 2 به مهينا اڳ غوثپور پرسان ٽنگواڻي لنڪ روڊ جمال واري علائقي مان پنهنجي زمين کي پاڻي ڏيڻ دوران اڻ ڄاتل هٿياربندن هٿان مبينه ڪنيي اغوا ڪيل ڳوٺ بگي ڀلڪاٽي جي رهواسي ٻن پورهيتن لياقت علي /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

سٽي ڪورٽ جي وڪيلن پاران درياهه تي ڌاڙي خلاف 17 ڏينهن به بڪ هڙتال

ايڊووڪيٽ خليل انصاري، ديدار چانڊيو جي اڳواڻي ۾ وڪيلن احتجاج به جاري رکيو

سنڌ دشمن منصوبن کي ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪيو ويندو: وڪيل برادري

ڪراچي (رپورٽر) سنڌو درياه مان 6 ڪينال ڪڍڻ ۽ سنڌ جون /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ڪي پي ۾ پوليو ٽيم تي فائرنگ، پوليس اهلڪار شهيد

بڪر آباد ۾ دهشتگردن پوليو ٽيم تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ڏني

گوليون لڳڻ سبب اهلڪار عبدالخالق ٿڏي تي شهيد ٿي ويو

پشاور: (م د) ضلعي خيبر ۾ دهشتگردن پوليو کان بچاءُ واري /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

ڪي پي: شهيد ٿيل پوليس اهلڪار ۽ ٻي پاسي حياتي جي تصوير

سرڪاري زمين الاٽمينٽ ڪيس: قائم علي شاهه حفاظتي ضمانت لاءِ عدالت پهچي ويو

ڇا توهان کي گرفتاري جو ڊپ آهي؟ (صحافي) ڪا خبر ناهي: اڳوڻو وزيراعليٰ

توهان خلاف شاهد به آهي (صحافي) جن ڪيس داخل ڪيو آهي، انهن کان ئي پڇو: قائم علي شاهه

ڪراچي (رپورٽر) بحرياٽائون خلاف 708 ارب رپين کان وڌيڪ /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

ڪيرائي تي جو سنڌ دشمن منصوبن خلاف نئون ڪوٽ کان پيادل مارچ شروع، وڪ وڪ تي شاندار آجيان

سنڌو درياهه اسان جي ريڊ لائين آهي، سنڌ جو ٻچو ٻچو درياهه جي حفاظت لاءِ تيار آهي: مظهر راهوجو

وفاق هوڏ تان نه لٿو ته پوءِ سنڌي جو عوام پنجاب ڏانهن ويندڙ رستن کي بند ڪري ڇڏيندو: ڪامريڊ ڪرڙ ريهاري

مارچ مختلف شهرن کان ٿيندو 9 فيبروري تي ميرپورخاص پهچندو، جتي اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا اڳواڻ به خطاب ڪندا

نئون ڪوٽ(ڊ ر) سنڌو تي ڌاڙي، 6 ڪئنال، ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ گرين پاڪستان جي نالي ۾ سنڌ کي بنجر بڻائڻ خلاف قومي عوامي تحريڪ جو نئون ڪوٽ جي علائقي نفيس ننگر کان ميرپورخاص تائين ستن ڏينهن جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

جيئي پليجو
سنڌو درياءَ تي ڏاڙو نا منظور
قومي عوامي تحريڪ ميرپورخاص
سنڌو تي سمورا ڪئنال نامنظور نامنظور

نئون ڪوٽ : قومي عوامي تحريڪ پاران سنڌ دشمن منصوبن خلاف پيادل مارچ ڪيو پيو وڃي

خيرپور پوليس جي ڪارروائي ايراني ڊيزل سان ڀريل مزدا هٿ، ٻه ڄڻا گرفتار

پوليس ايس ايڇ او مشتاق جتوئي ٽيم سان گڏ لقمان پرسان ڪارروائي ڪئي

گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ غلام قادر جتوئي ۽ محمد حسن جوڻيجو شامل آهن

خيرپور (ٻر) ايس ايس پي توحيد رحمان ميمڻ جي هدايتن تي بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او مشتاق جتوئي ٽيم سان گڏجي لقمان پرسان /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

يوسيز جون اپيلون ٻڌڻ لاءِ 7 فيبروري تي سکر ۾ ڪيمپ لڳائڻ جو اعلان

لوڪل ڪائونسلز سنڌ پاران سکر ۾ قائم ٿيندڙ ڪيمپ ۾ شڪايتون ٻڌيون وينديون

ڪيمپ ۾ شهري پنهنجون شڪايتي درخواستون جمع ڪرائي سگهن ٿا: اختياريون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) اپيليٽ ٽربيونل لوڪل ڪائونسلز سنڌ چيئرمين/جج، سهيل جبار ملڪ جي سربراهي ۾ 7 فيبروري 2025 تي /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

سنڌو درياهه جي پاڻي جو ڇوڙ سمنڊ تائين ڪيو وڃي: ساس

درياهه جي پاڻي وهڪري اڳيان بند ٻڌڻ يا وڏا واهه ڪوٽڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي

ساس ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي ڌرتي جي ماڻهن جي مسئلن کان ڌار نه سمجهيو آهي

حيدرآباد(بيورو) سنڌي ادبي سنگت گهر ڪئي آهي ته سنڌو درياهه جي پاڻي جو ڇوڙ سمنڊ تائين ممڪن بڻايو وڃي، درياهه جي پاڻي وهڪري اڳيان بند ٻڌڻ يا وڏا واهه کوٽڻ جو سلسلو بند ڪيو وڃي. اهڙن خيالن جو اظهار /ڏسو صفحو 3 بقايا 34



لاڙڪاڻو: نثار کهڙو، خورشيد جوڻيجو ۽ ٻيا ميگزين جي مهورت ڪري رهيا آهن

وزيراعليٰ سنڌ ٻارڙن کي پوليو جا قطرا پيارڻ مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو

افتتاحي تقريب وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سيڪريٽري صحت ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي

اسان جو پڪو عزم آهي ته سنڌ ۾ ڪوبه ٻار هن موذي بيماري جو شڪار نه ٿئي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه

سنڌ حڪومت مشن ۾ مڪمل طور مصروف آهي ۽ ذاتي طور تي مهم جي نگراني ڪندي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه فيبروري 2025 لاءِ قومي پوليو مهم جو وزيراعليٰ هائوس ۾ ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ مهم جو باضابطه افتتاح ڪيو. وڏي وزير حڪومت جي پوليو جي خاتمي /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

فوجي عدالتن ۾ سويلينز جي ملٽري ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي سپريم ڪورٽ جي 7 رڪني بئنچ ٻڌڻي ڪئي

ڇا رکو جي ايڇ ڪيو تي حملي جو ٽرائل فوجي عدالت ۾ ٿيندو؟: سپريم ڪورٽ

خدا نه ڪري پارليامينٽ ۽ سپريم ڪورٽ تي حملو ٿئي ته ٽرائل اي ٽي سي ۾ ٿيندو يا فوجي عدالت ۾؟: جسٽس جمال مندوخيل

سپريم ڪورٽ جي 5 ججن فوجي عدالتن ۾ ٽرائل جي طريقيڪار جي شفافيت تي اتفاق ناهي ڪيو: وڪيل جو دليل

اسلام آباد(م د) سپريم ڪورٽ ۾ سويلينز جي ملٽري ٽرائل /ڏسو صفحو 3 بقايا 47

سمورن ججن آئين جي پاسداري جو حلف کڻي رکيو آهي: عرفان صديقي

صدر ڪنهن به جج کي هڪ کان ٻئي هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪري سگهي ٿو

ڪنهن کي ترجيح ڏني وڃي؟ انهي واضح آئيني شق کي يا ڪنهن خط کي؟

اسلام آباد: (م د) مسلم ليگ(ن) جي سينيٽر عرفان صديقي چيو آهي ته اعليٰ عدليه جي سمورن ججن پاڪستان جي آئين جي پاسداري جو حلف کڻي رکيو آهي. سوشل ميڊيا تي هڪ بيان ۾ عرفان صديقي سوال اٿاريو ته /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

سانگهڙ پوليس جون ڪارروايون، جوابدار سميت 10 منشيات فروش گرفتار

منگلي، شهدادپور، سنجهورو، کڏڙو، شاهپورچاڪر ۽ سانگهڙ پوليس پاران ڪارروايون

240 گرام چرس، 4 بوتلون، 950 گٽڪا پڙيون ۽ 86 ليٽر شراب پڻ هٿ ڪيو ويو

سانگهڙ (رپورٽ آفتاب مري) ايس ايس پي سانگهڙ غلام نبي ڪيريو جي هدايتن تي منشيات فروشن ۽ ڏوهارين خلاف ڪامياب ڪاروائن /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

سکر جي سٽي باءِ پاس پرسان اڻڄاتل شخص جو لاش هٿ

ايڌي رضاڪارن مڙهه ايمبولينس ذريعي اسپتال منتقل ڪيو

مڙهه ڪارروائي بعد ايڌي رضاڪارن حوالي، نئين ڳوٺ قبرستان ۾ امانت دفن

سکر(بيورو رپورٽ) ايڌي انفارميشن ڊيسڪ موجب سکر جي آباد ٿاڻي حد رائس ڪئنال سٽي باءِ پاس لڳ ڪئنال مان نامعلوم شخص جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

سراج الحق ذاتي زندگيءَ ۾ سنڌ جو عاشق هو: مخدوم سعيد الزمان

مرحوم سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي نوان لاڙا ڏنا: سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين

سندس قلمي پورهيو ايندڙ نسلن لاءِ هميشه مشعل راهه ثابت ٿيندو، ورسي تي جاري ڪيل بيان

ڄامشورو(ڊ ر) سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي اسسٽنٽ سيڪريٽري سنڌي ٻوليءَ جي ناميارو اديب سراج الحق ميمڻ جي ورسي جي موقعي /ڏسو صفحو 3 بقايا 48

ڪراچي : مراد علي شاهه ٻار کي پوليو جا ڦڙا پياري مهم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ميرپورخاص ۾ ڊي سي پاران پوليو مهم جو افتتاح، ڦڙا پياريا

3 لک 48 هزار 463 ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر

1090 موبائل ٽيمون 97 فڪسڊ پوائنٽس 53 ٽرانزٽ ٽيمون جوڙيون ويون

ميرپورخاص (رپورٽ گل محمد سولنگي) ڊپٽي ڪمشنر /ڏسو صفحو 3 بقايا 49

مورو ۾ ڊاٽسن جي ٽڪر ۾ پوليس جمعدار فوت

مورو (حاجي بادل زرداري) مورو ۾ مهراڻ ڪاليج وٽ روڊ /ڏسو صفحو 3 بقايا 50

چوٽياريون واقعو: شهدادپور ۾ پوليس چڙهائي، هڪ ڄڻو گرفتار

پوليس جوابدار جبار خاصخيلي جي گرفتاري لاءِ چڙهائي پڻ ڪئي

اهلڪار جوابدار جي سئوٽ محمد اويس خاصخيلي کي گرفتار ڪري ويا

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) چوٽياريون /ڏسو صفحو 3 بقايا 51

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
پاڪ
Daily PAK Karachi
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽروپول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي۔ فون نمبر: 3_35655872_021 فيڪس نمبر: 35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

اڱارو 04 فيبروري 2025ع بمطابق 05 شعبان المعظم 1446هہ

زرعي ٽئڪس لاڳو ٿي ويو..........

سنڌ ڪابينا ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس بل 2025 جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت هيٺ سنڌ ڪابينہ جي اجلاس ۾ ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس بل 2025 جي منظوري ڏني وئي. ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس بل جنوري 2025 کان لاڳو ٿيندو. سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهہ چيو تہ سنڌ حڪومت ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس ۾ لائيو اسٽاڪ کي شامل نہ ڪيو آهي. ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس بورڊ آف روينيو (بي او آر) جي بجاءِ سنڌ روينيو بورڊ (ايس بي آر) جمع ڪندي. قدرت آفتن جي صورت ۾ ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس ۾ ايڊجسٽمينٽ ٿيندي. هن چيو تہ آباد ايراضي کي لڪائڻ جي صورت ۾ ڏنڊ لڳايو ويندو. ننڍين ڪمپنين تي زرعي ٽيڪس 20 سيڪڙو ۽ وڏين ڪمپنين تي 28 سيڪڙو لاڳو ٿيندو. 150 ملين روپيہ زرعي آمدني حاصل ڪندڙ ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس مان آجا هوندا. زرعي آمدني 150 ملين روپين کان 200 ملين روپين تائين هڪ سيڪڙو لاڳو ٿيندو. 200 ملين روپين کان 250 ملين روپين تائين زرعي آمدني تي 2 سيڪڙو ٽيڪس لڳايو ويندو. زرعي آمدني 250 ملين روپين کان 300 ملين روپين تائين 3 سيڪڙو ٽيڪس لڳندو جڏهن تہ 300 ملين روپين کان 350 ملين روپين تائين زرعي آمدني تي 4 سيڪڙو ٽيڪس لڳندو. زرعي آمدني 350 ملين روپين کان 400 ملين روپين تائين 6 سيڪڙو ٽيڪس لڳندو. 400 ملين روپين کان 500 ملين روپين تائين زرعي آمدني تي 8 سيڪڙو ٽيڪس لڳايو ويندو. زرعي آمدني 500 ملين روپين کان وڌيڪ تي 10 سيڪڙو ايگريڪلچر انڪم ٽيڪس لڳندو. ذريعن ٻڌايو آهي تہ زرعي آمدني 6 لک ساليانو تائين هجڻ تي ٽيڪس لاڳو نہ ٿيندو. 6 لک کان مٿي جي 12 لک تائين آمدني تي 15 سيڪڙو ٽيڪس هوندو جڏهن تہ وڌيڪ آمدني وارن زميندارن تي سپر ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو. هوڏانهن سنڌ اسيمبلي سنڌ لگرڪلچر ٽيڪس بل متفقہ طور منظور ڪري ورتو. بل پارليماني معاملا، قانون ۽ گهرو کاتو ضاءُ لنجار پش ڪيو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ايوان ۾ چيو تہ حڪومت هلائڻ لاءِ ٽيڪس ضروري آهي پر ڪو بہ ٽيڪس لڳائي خوش ناهي ٿيندو. اپوزيشن لڊر سميت ڪجهہ حڪومتي وزيرن بہ بل تي شدد خدشن جو اظهار ڪيو. سنڌ اسيمبلي اجلاس، زرعي آمدني تي ٽيڪس جو نفاذ، ايوان سنڌهہ لگرڪلچر ٽيڪس بل گڏيل طور منظور ڪري ورتو. سنڌ اسيمبلي اجلاس ۾ وڏي وزير مراد علا شاهہ پنهنجي خطاب ۾ ايف بي آر کي ڪرپشن جو گڙهہ قرار ڏيندي چيو تہ ايف بي آر پنهنجون ڪوتاهيون لڪائڻ لاءِ ٽئڪس جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. وڏي وزير ٽيڪس وصولي ۾ ايف بہ آر کي ناڪام قرار ڏنو. سندس چوڻ هو تہ ن سالن ۾ ڇهہ ارب روپيا زرعي ٽيڪس مد ۾ گڏ ڪيا ويندا. وفاقي ٽيڪسن ۾ ساڍا ستونجاهہ سيڪڙو حصو صوبن جو هوندو آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ چيو تہ آءِ ايم ايف سان ڳالهائڻ وفاق جو ڪم آهي. اسان جو روينيو کاتو ٽئڪس اوڳاڙڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. زرعي ٽئڪس 20 سالن کان لاڳو آهي. سنڌ روينيو بورڊ پنهنجو ٽارگيٽ پورو ڪيو آهي. وڏي وزير چيو تہ اسان چاهيون ٿا تہ سيلس ٽئڪس صوبن حوالي ڪيو وڃي. هن سال بہ هڪ ارب اوڳاڙي ڪري چڪا آهيون. ايف بي آر پنهنجون ڪوتاهيون لڪائڻ لاءِ زرعي ٽئڪس جون ڳالهيون ڪري رهيو آهي. دريائن تي ڊيم ٺهڻ جا مخالف آهيون. پيپلز پارٽي نٿي چاهي تہ آءِ ايم ايف پروگرام ختم ٿئي. دريائن تي ڊيم ٺهڻ سان هزارين ايڪڙ زمين بنجر ٿي ويندي. آءِ ايم ايف سان ڳالهين لاءِ صوبن کي بہ اعتماد ۾ ورتو وڃي. سنڌ صوبو وفاق جي مدد ڪري رهيو آهي تہ جيئن هو پنهنجي پيرن تي بيهي سگهي. وزيراعظم چئي چڪو آهي ايف بي آر ڪرپشن جو گڙهہ آهي. وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ ايوان ۾ وڌيڪ چيو تہ اسانکي چيو ويو تہ ٽئڪس واري بل تي صحيح ڪئي وڃي، اسان زراعت واري بل تي صحيح ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ٽئڪس لڳائڻ تي مان خوش ناهيان. حدف پورو نہ ٿيڻ تي ٽئڪس لڳائڻ مناسب ناهي. اگر هاري فصل نہ ڪاهيندو تہ آسان ڪٿان ڪائيندا سين. پگهاردار بہ ٽئڪس ادا ڪري رهيو آهي. وڏي چيو تہ مون سان گڏ چاليهہ خاندان ڳنڍيل آهن. اهي ماڻهون منهنجا ملازم نہ پر منهنجي زمن تي حصيدار آهن. فيڪٽرين ۾ رڪيل پورهيتن کي ڪم گهٽ هجڻ جي بنياد تي ڪڍيو وڃي ٿو پر ڳوٺ ۾ ائين ناهي ٿيندو مون کي ڀهتل نقصان تي مان آبادي ڪرڻ ناهيان ڇڏيندو. ٽيڪس لڳائڻ سان خوراڪ جي قلت ۽ ماڻهن جي حوصلي شڪني ٿيندي. ڊپٽي اسپيڪر اجلاس سياڻي 2 وڳي تائين ملتوي ڪري ڇڏيو

افغان رياست تباهي جو شڪار

رياض ابڙو

جيستائين خطو ڪنهن استيبلٽي جو حامل ٿئي، تيستائين اسان اهڙي تذبذب جو شڪار رهنداسين ايندا سين، معني جيستائين اهي پاڙيسري خطا ۽ ملڪ ترقي نہ ڪندا، تيستائين اسان ٽين دنيا جا ملڪ ائين ئي دشوارين ۾ هوندا سين ۽ رهنداسين. اها بہ حقيقت آهي تہ اسان جي پاڙيسري ملڪن ۾ چين هڪ ترقي يافتا ملڪ بہ آهي، وري روس اسان جي مدد لاءِ تيار رهندو ٿواچي، هڪ پارٽ آهي جيڪو اسان جي حق ۾ ناهي (يا اسان ان جي حق ۾ ناهيون) پر افغانستان جي مدد لاءِ اسان تہ هر وقت ٿوابداريون حاصل ڪرڻ جي لاءِ آتا هوندا آهيون. ان حقيقت کان نظرون چورائي نہ ٿا سگهون. يا جي اک ٻوٽ ڪنداسين تہ شيون صحيح ٿي وينديون. ائين چئون تہ ڪبوتر جيڪڏهن اکيون ٻوٽيندو تہ ٻلي هلي ويندي. قطعن نہ. پر خطو پوءِ بہ مسلسل پريشانيءَ جو شڪار رهندو ايندو. اسان جي ملڪن جا ريگيوليٽر تہ مغربي ملڪ ئي آهن. اسان جي شين تي ضابطو تہ مغرب جو آهي، پوءِ اهي ايٽمي طاقت جي ڳالهہ هجي، يورينيم جي پروليفريشن جي سائنس هجي، فيٽف (فائنانشل ايڪشن ٽاسڪ فورس) جي ڳالهہ هجي، امدادن جي ڳالهہ هجي، يو اين او وٽ ڪشمير جي ڪيس پيش ڪرڻ جي ڳالهہ هجي، ڪشمير ۾ يونائيٽيڊ نيشنز جي ريفرينڊم جي ڳالهہ هجي، آءِ ايم ايف جي ڳالهہ هجي، يو ايس ايڊ جي تعليمي منصوبن جي ڳالهہ هجي، يونيسيف جي تعليمي امدادن جي ڳالهہ هجي، ڊبليو ايچ او جي صحت جي لاءِ اپائن جي پريشرن جي ڳالهہ هجي، ڪووڊ جي ڳالهہ هجي يا ويڪسينيشن وغيره جي ڳالهہ هجي، پوءِ اهي سڀ ڪنٽرول ۽ ممڪنا ضابطا سواءِ يورپ جيڪنهن مشرقي ملڪ جي هٿ وس ناهن. ساڳي ڳالهہ تہ عرب ملڪن جا اختيار ۽ ايشيائي ملڪن جا ضابطا اسان جي مُٺ ۾ ناهن تہ پوءِ اسان جا اهي ضابطا ڪير طئي ڪندو. ڪنهن جي آسري آهيون. جو اسان جي حال تي رحم ڪندو يا اسان جي شاندار ماضي کي ڏسي شرمندا ٿيندا. اسان جي مستقبل جو احساس ڪندا. جو افغانستان جي حالتن جي ڪري اسان جي نسلن جي تعليم، تربيت، معاشي حالتون، معاشرتي بيهڪون سڀ صحيح ٿي وينديون؟ اسان کي مڃڻ وارا مغربي ملڪ چوندا تہ هاڻي افغانستان ۽ پاڪستان صحيح ٿا ڪن. سڀ ممڪن ڪري ويا آهن. يا آخر ڪرائيٽيريا ڪهڙي آهي؟ جنهن تي جي پورو لهون تہ مغربي دنيا مڃيندي (چو تہ انهن جي هٿ ۾ اسان جي هر شيءِ قبض آهي) پوءِ اهي ڪڏهن اسان جي شين جي پيماني کي انصاف جي نظر ڏسندا. يا انهن ملڪن کي اسان تي رحم ڪڏهن ايندو. آخر ڪڏهن ۽ ڪهڙي صورت؟ شيون سمجهي سگهون ٿا تہ جيستائين اسان مسلمان آهيون تيستائين اسان شدت پسند آهيون، دهشت پسند آهيون، جهادي تنظيمون پاليون ٿا، اسان جي ڪري مغرب جي ذهنن ۾ اسلامو فوبيا رهندي ايندي، اسان مدرسن جا مالڪ، طالبان جا حامي، اسلامي جمهوريت جي پالڻ وارا، مسجدن ۾ عبادت گذاري ڪرڻ وارا، پارن کي اسلام جا سبق ڏيڻ وارا، جنت جون واٽون ڳولهڻ وارا، ڪافرن جي خلاف جهاد ڪرڻ وارا، ڪافرن کي الله ڪارڻ دشمن سمجهڻ وارا، انهن جي خلاف جهادي تنظيمون تيار ڪرڻ وارا، نصارا، يهودي، سيهوني، مجوسي، زرتشت، ٻڌمت، هندومت، جين مت ۽ سکن کي دشمن سمجهڻ وارا، اهو طئي ڪري ويٺا آهيون تہ جنتي حقدار ۽ جنت جا والي وارث رڳو اسان ئي آهيون ۽ جنت جي حصول جي لاءِ اسان انهن سڀني مذهبي گروهن کي دشمن ٿا سمجهون. اهي اسان جا سڄڻ ناهن، ۽ انهن جي پاليسين تي هلي اسان دنيا ۽ دين جي پوئواري نہ ڪري سگهنداسين. اسان تہ اهو طئي ڪيو آهي تہ اهو سڀ ڪرڻو آهي، پوءِ جيڪي دنيا جي ٿنڪ ٽئنڪ آهن، جيڪي اهو بہ سمجهن ٿا تہ مسلمان هنن جي لاءِ خطري جي گهنٽي آهن تہ پوءِ اهي بہ غلط ناهن. پر وچٽري پاليسي ڪير آڻيندو؟ آمريڪا جي سڄي عمر يا تا قيامت اهڙي پاليسي ڪٽي هلي، جنهن ۾ هي رڳو مسلمانن جي گروهن تي تهمتون هٽي، انهن کي تباهہ ڪندي رهندي، جنهن جي نشاني تي جي طالبان آهن يا طالبان سي آئي اي جي اشاري تي اندروني پاليسي هلي پي ۽ ٽين دنيا جي ماڻهن کي بيوقوف ڪندا رهن ٿا، تہ انهن جي اهڙي چال کي ڪير پهچندو؟ اهو ڪيئن چئون تہ هاٽي روس جي انٽيليجنس سروسز (ايس وي آر يا ڪي جي بي) انهن طالبان جي پنيرائي ٿي ڪري، پر قطعن ائين ناهي، چو تہ 1952، 1967، 1980، 2001 ۾ هاٽي طالبان جي پنيرائي ڪري سي آءِ اي مسلسل پوسٽ ڪولڊ وارز جي پٽ پرائي ڪري رهي آهي. پاڪستان انسٽيٽيونٽ آف افيئرس گذريل سال جي آخري هفتي ۾ هڪ ويبنار سڏرايو هيو جنهن ۾ ”اناتول ليون“ جيڪو ”ڪئينسي انسٽيٽيوٽ فار ريسپانسيبل اسٽيٽ ڪرافٽ“ واشنگٽن ۾ هڪ سينيئر رسرچر آهي. هي 1980 ۾ مجاهدين سان صحافي جي طور تي ڪم بہ ڪري چڪو آهي. ان ڪانپوءِ هي افغانستان جي مسلسل وزٽ بہ ڪندو رهيو آهي، معني هي افغانستان جي حالتن ۽ واقعن جو اکين ڏٺو شاهد بہ آهي، هن جي آڏو اهي سڀ سي آءِ اي جو ڪاروايون بہ ٿينديون رهيون آهن. هن جي اکين جي آڏو اهي ڪميونسٽ پارٽي، ڪڏهن طالبان نظريي جون حڪومتون. ڪڏهن آءِ ايس آءِ جي هٿان طالبان جي گهڙت ۽ سي آءِ اي جون امدادون بہ پهچيون آهن، هن جي آڏو اهي افغانستان جون حالتون گذريل 34 سالن کان هلنديون ٿيون اچن. معني ايترين ڪوششن جي باوجود بہ روس جي مداخلت يا امداد جي باوجود. لوڪل ايجنسين جي همٿ ۽ مسلسل اچ وڃ جي باوجود بہ يا جيڪي سي آءِ اي جا ايجنٽ اتي افغانستان ۾ 30 سال هٽي ويا تہ بہ ڪجهہ نہ ٿيو. انهن جي سر توڙ ڪوشش هئي تہ اهي افغانستان جون حالتون بهتر ڪن. نئين افغانستان جو بنياد رکن. انهن جي ڪوششن ۾ اهو بہ هيو تہ اتان جو 18 ڪروڙ آبادي وارو افغان ملڪ تعليم، ترقي، معاشي طور تي پاڻ پرو ٿئي، اهي افغاني معاشرتي ليول تي هنن جي پٽ پرائي ڪن. ماڻهن (طالبان) جي زندگي ”اپ لفٽ“ ڪن. ترقي جا چار وڃائن. ماڻهن ۾ شعور بيدار ڪن. ماڻهن ۾ علم جي روشني بيدار ڪن. پر حقيقت ۾ افغان باشندا پاڻ ئي نہ ٿا چاهن تہ انهن جا ڪا پلائي ٿئي، انهن جي ڪا ترقي ٿئي، پر ٿيو ڪجهہ بہ نہ. پلاجي روس جي ”ڊس انٽيگريشن“ ڪانپوءِ تہ افغان نسل مڙئي ڪجهہ بيدار ٿيو هوندو، ماڻهن ۾ شعور وڌيو هوندو. ماڻهن ۾ اسلامائيزيشن پلي وڌي پر شدت تہ گهٽي هوندي. ماڻهن ۾ مغرب جي لاءِ نفرت گهٽجي وئي هوندي. پر هي اهو نسل آهي جيڪو آمريڪي پاليسين کان انڪاري آهي. ۽ هنن کي ڊالري امداد پلي ٿي لڳي. هي سڀ جا سڀ سي آءِ اي جي اشاري تي آهن. هتي (افغانستان) ۾ هڪ مخصوص طبقو آهي. جيڪو هٿيارن جي راند رچائڻ ۾ ڪمفرٽ آهي، انهن جي نظريي ۾ ويڙهاند ئي آخري حل آهي، پر ڪيستائين؟ هو عام ماڻهن جي حق ۾ ناهن يا عام افغاني هنن جي حق ۾ ناهي، يا ڪير چاهي ٿو ۽ ڪير نہ ٿو چاهي تہ انقلاب اچي، يا اسلام ڪهڙو آهي، جيڪو انهن افغانين کي نہ ٿو وٽي يا وٽي ٿو؟ جيڪي پاڪستان ۾ مدرسا بہ هلائن ٿا، پاڪستان ۾ ملائيت بہ ڦهلائن ٿا، جيڪي 8 لک افغاني طالبان پڇي اچي پاڪستان جي بارڊر تي ٻهتا آهن. اهي افغان نسل ناهن؟ يا جيڪي سمگلنگ جي بهاني، هٿيارن جي راند رچائي اسان جا بارڊر اکري اچڻ ۾ آتا آهن. انهن جو دين ٻيو آهي؟ چو تہ ايران جي انقلاب جو جز الگ هيو پر هنن جي انقلاب جو جز ڪهڙو هيو (۽ آهي) جيڪو اسلامائيزڊ انقلاب پاڪستانين کي نہ ٿو وٽي يا ڪجهہ افغاني ان حق ۾ ناهن. جيڪو هر انهي افغاني کي نہ ٿو وٽي، جيڪو هتي اچي پاڪستاني ٿيڻ لاءِ تيار آهي. يا ساڳو افغاني جرمني وڃي اتان جي 2400 ويزائن ۾ ڪمفرٽ آهي، يا پاڙيسري سيني ملڪن ۾ پڇي وڃڻ ۾ ڪمفرٽ آهي تہ هوا تي رهي پر افغانستان ۾ نہ رهي.

ائين بہ آهي تہ اهي افغاني سي آءِ اي کي پاڻ ميدان مهيا ٿا ڪن تہ اهي آمريڪي ڪالوني ناهي وڃهن. يا سياڻي اهي ائين سي آءِ اي کي دعوت ڏين جيئن هاڻي آمريڪا ترڪيا کي دعوت ڏوڻي تہ اهي ڪابل جي ايئرپورٽ کي قبضي ۾ وٺن تہ جيئن آمريڪا کي ڪا تڪليف نہ ٿئي، تہ اهي سياڻي خطي ۾ پنهنجا هٿيار آسان سان پهچائي سگهن. روايتي طور تي افغان طالبان هٿي پاسا ٿا وهن. تہ جيئن افغان طالبان کي نالي ماتر قبضا بہ ڏين. غير طالبان ۽ پرو افغان ۾ بہ فرق ڪري سگهن. ۽ آمريڪي پنهنجا مقصد خطي ۾ پورا ڪندو رهي، چو تہ 197 افغاني ضلعن ۾ آمريڪا بہ طالبان کي ڏسڻ نہ ٿو چاهي، وري ترڪيا جي مدد سان ايئر اسٽرائيڪ بہ ڪري سگهي ٿو (حالانڪي ترڪي پرو-رشين آهي ۽ آمريڪا جي ڪنهن بہ اتحاد ۾ ناهي) اها بہ حقيقت آهي تہ افغانستان ۾ رڳو افعان طالبان ۽ پرو-طالبان ڪانسواءِ بہ پيا مذهبي، ڪميونسٽ گروهہ ۽ پرو-رشين گروهہ بہ آهن، جن جي پالنا ڪري سي آءِ اي وري افغانستان ۾ پير پختا ڪري سگهي ٿي، چو تہ انهن جي مدد ڪري پرو-طالبان جي سياست اپاري، ڪمزور ٿي سهي پر سياسي اونچ نيچ ڪري سگهي ٿو چو تہ اتي موجود هزارا، پنجشيرز طالبان جي قبضي ڪڏهن بہ نہ ايندا، ان ڪري وري اهڙين گروهن ۽ صوبن جي مدد ڪري سي آءِ اي جي پوسٽ ڪولڊ وار رهندي ايندي، چو تہ سچو افغانستان طالبان جي حوالي ڪري بہ افغانستان کي بين الاقوامي سپورٽ ملي نہ سگهندي، ان ڪري مليل جليل رجحان سان افغانستان ائين ئي هلندو رهندو.

سنڌ جي عوام جي آواز کي اهميت ڏيڻ جي ضرورت

اقبال گاڏهي/هالائي

سنڌ جو سمورو شعور پنهنجي وجود جي بقا لاءِ روڊن رستن تي سراپا احتجاج آهي تہ جيڪڏهن سنڌو درياءَ مان جيڪڏهن ڇهہ ڪئنال ڪڍيا ويا تہ سنڌ نہ رڳو بنجر ٿي ويندي پر سنڌ جي معشيت سميت ڪيترائي غير معمولي روزه مره جي سماجي برائين ۾ واڌ ۽ خونريزي جنم وٺندي پاڻي انسان جو هر ساهہ واري جيت جنئي پکي پکڻ جو جياپو آهي

سنڌ جون پهريائين حالتون معاشي سياسي حوالي سان بهتر ناهن سنڌ جي مجموئي مسئلن کي حل ڪرڻ بجاءِ عوام کي روزمره جي مسئلن ۾ صرف ٻن وقتن جي ماني ۽ گهيءَ لاءِ موجوده حڪومت پريشان ڪري ڇڏيو آهي سنڌ اندر مهنگائيءَ جو راڪاس رڙيون ڪري ماڻهن کي خود ڪشين ڪرڻ تي مجبور ڪري رهيو آهي سنڌ جي تعليم صحت زراعت پهريان ئي ختم آهي ويتر سنڌ جي عوام کي اڃيو بکيو ڪري سنڌو درياءَ مان ڪئنال ڪڍي انتها پسنديءَ خونريزيءَ ۽ انارڪي جهڙن مرضن ۾ ملوث ڪري انهن کان سياسي سگهہ ۽ اڀرندڙ آواز کي دٻائڻ جي سازش ٿي رهي آهي سنڌ صوبو جيڪو وڏي ۾ وڏي معشيت ڏيندڙ سرسبز صوبو آهي ۽ زراعت ۾ سيني ٻين صوبن کان وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ صوبو آهي هاڻي هڪ سوچي سمجهي سازش تحت نڙيءَ تي ننهن ڏئي سنڌ صوبي جي ماڻهن کي مارڻو پيو وڃي

افسوس تہ ان ڳالهہ جو آهي تہ اهڙا نا تجربيڪار واپڊا چيئرمن اسان مٿان جبري مڙهيو ويو آهي جيڪو اهڙو ڪلڻ وارو بيان ڏئي رهيو آهي تہ ايندڙ پنجن سالن ۾ دريائن ۾ انهن جي ضرورت کان وڌيڪ پاڻي ايندو جيڪو اسانجي ڪنٽرول ۾ نہ رهندو ان لاءِ ان کان پهريان ئي اهي ڪئنال ڪڍي رهيا آهيون تہ جيئن ٻوڏ ٻوڏندڙ پاڻيءَ کي روڪي سگهجي جا اهڙو بيان ڏيڻ وڏو مذاق ناهي تہ ٻيو ڇا آهي

سنڌ جا معدني ذخيره وڪامجي ويا سنڌ جي انڊسٽريز وڪرو ڪيون ويون سنڌ جا پيٽ سنڌ جي زمينون پڳڙن مٺ تي موجود سنڌ حڪومت ڏئي ڇڏيو پاڻيءَ تي ڊيم اڏڻ تي سنڌ جي ماڻهن کي اڳئي ئي سخت اعتراض رهيو آهي پاڪستان پيپلزپارٽي پنهنجي اقتدار جي عرصي دوران آخر اهڙا قدم چو پئي کڻي جيڪي سنڌ جي عوام جي بهتريءَ ۽ ڀلائيءَ وارا ناهن آخر پي پي گورنمنٽ پنهنجي عوام جي هڏڻ جو سرمون ٺاهي بکايل اُجايل لاچار بيوس ماڻهن جي اکين ۾ سرمو چو پارائي رهي آهي هر پاسي ڏانهن رڙو رڙ لڳي پئي آهي ڪٿي بہ انصاف ناهي ۽ نہ ئي ملڻون آهي تہ پوءِ آخر ٿيندو ڇا ؟ سنڌ ۽ سنڌ جو عوام هن وقت انتهائي ڏکئي مرحلي مان گذري رهيو آهي سنڌ جي نوجوانن لاءِ روزگار ناهي بيمار ماڻهن لاءِ علاج ناهي پئسن ۽ وڏي رشوت ڪانسوءِ يوسيءَ ۽ ٽائون مان پرٽ ڊي جو فيس ڪانسوءِ سرٽيفڪيٽ نئو ملي قومي شناختي ڪارڊ ڪان وٺي زمين جي رجسٽري ۽ داخلا لاءِ بہ هزارين روپيہ رشوت ڏيڻي پوي ٿي مهنگائي عوام جي چيلهہ ڀڃي ڪري ڇڏي آهي هٽرادو مهنگائيءَ ۽ ذخيره اندوزي کي روڪڻ لاءِ ڪو بہ ادارو تحرڪ وٺڻ وارو ناهي قبيلائي جهيڙن ڪيترن ئي نوجوانن جون زندگيون تباهہ ڪري ڇڏيون آهن ڏاڙيل ڪلچر سفيد پوش ڪاروباري ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيون زمينن جي مالڪيءَ تان ڪيترائي ڳڀرو پڪا پوڙها ماڻهون گولين جو ڪاچ ٻڌجي وڃن جن جي ايف آءِ آر داخل نٿي ڪئي وڃي جيڪي پنهنجن ڪونڊرن جا ڇچريل لاش کٽي روڊن تي اچي ڪري احتجاج ڪن ٿا پر حڪمران ٽر ۽ سرڪاري ڪامورن طرفان انهن وٽ ڪير هلي وڃي زخمن تي مرحم ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي آخر ڇا ٿيندو هن گگدام عوام جو؟ هن سسٽم ۾ امير کي امير تر ڪيو پيو وڃي ۽ غريب کي غريب تر ڪيو پيو وڃي حڪمرانن جا ڪتا مرغا بوداميون پيا کائن ۽ جن جي ووٽ تي چونڊجي حڪمران سٽيپي ڪرسين جا مزا پيا ماڻين انهن جا ٻچا لهيل ڦٽو ڪيل پنهنجن درن اڳيان باسي ڪاڌو پيا کائن خدار سڀ شيون سڀ اثاثہ ڪسي ورتا ٿئ وڪرو ڪري ڇڏيا اٿو باقي بچيل پاڻي بہ وڪرو ڪري يزيدي ڪردار ادا ڪري عوام کي پياسو ڪري ڇوٽا مارڻ چاهيو جيڪڏهن اوهان اهڙيون ئوس عوام دشمن پاليسيون جوڙيندا رهندا ۽ خدا جي مخلوق کي ماريندا رهندؤ تہ قضيو ڪربلا وارو ڏهرايو ويندو ڪربلا ۾ بہ پاڻيءَ تي يزيد سان جنگ جوٽي وئي هئي ۽ اڄ جي يزيد سان بہ پاڻي بند ڪرڻ تي جنگ ڪئي ويندي جيڪا آخري فتح ڪن جنگ هوندي اڄ جي جديد ٽيڪنالاجي جي يزيد سان جيڪا فتح عوام جي ٿيندي چوجو ڪربلا ۾ يزيد جنگ کٽڻ جي باوجود بہ اڄ تائين مرده باد آهي ۽ حسينيت اڄ بہ زنده باد آهي

بقايا 01

اڪيڊمڪ اسٽاف ايسوسيئيشن (فاپواسا) سنڌ حڪومت پاران يونيورسٽين ۾ وائيس چانسلر مقرر ڪرڻ واري ايڪٽ ۾ ترميم ۽ يونيورسٽين جي خودمختياري تي حملي خلاف سنڌ جي يونيورسٽين ۾ 14 هين ڏينهن بہ احتجاج جاري رکيو ويو سومر ۽ اڱاري ڏينهن سنڌ جي سمورن سرڪاري يونيورسٽين ۾ تدريسي سرگرمين جي مڪمل بائيڪاٽ جي اعلان تي سنڌ جي سمورن سرڪاري يونيورسٽين ۾ تدريسي سرگرمين جو مڪمل بائيڪاٽ ڪيو ويو ان سلسلي ۾ ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي ۾ بہ استادن احتجاجي مظاهرو ڪيو. جڏهن تہ سنڌ يونيورسٽي ۾ فاپواسا سنڌ چيپٽر جي جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر عبدالرحمان نانگراج ۽ ڊاڪٽر قاسم نظاماڻي، ڊاڪٽر عرفانا ملاح، امر سنڌو ۽ ٻين جي اڳوائي ۾ تدريسي عمل جو بائيڪاٽ ڪري احتجاج ڪيو. احتجاج ۾ فيڪلٽي ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي آهي، حڪومتي قدم کي يونيورسٽين جي خودمختياري کي تباهہ ڪرڻ ۽ انهن جي بنيادي قدرن کي نقصان پهچائڻ جي سازش قرار ڏيندي فيصلو واپس وٺڻ جو مطالبو ڪيو ۽ چيو تہ فاپواسا سنڌ اڄوڪي ڏينهن کي سنڌ جي يونيورسٽين جي تاريخ جو ڪارو ڏينهن قرار ڏيندي اعلان ڪيو تہ جيستائين هي قانون واپس نہ ورتو ويندو تيستائين احتجاج جاري رهندو. استادن خدشن جو اظهار ڪيو تہ مهذب سماجن ۾ حڪومتون تعليمي ماهرن جي راءِ جو احترام ڪنديون آهن پر سنڌ حڪومت آمراڻو رويو اختيار ڪندي استادن جي خدشن کي نظرانداز ڪيو آهي. هنن چيو تہ اهڙين ترميمن جو مقصد يونيورسٽين کي مڪمل سياسي ڪنٽرول هيٺ آڻڻ آهي، وائيس چانسلرن کي رڳو بيوروڪريٽس ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي، جتي سياسي مقررين کي تدريس، تحقيق ۽ تعليمي آزادي تي اوليت ڏني پئي وڃي. هنن چيو تہ صوبائي وزير پنهنجي ناقص گورننس سبب يونيورسٽين کي بند ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جلد سنڌ اسيمبلي آڏو احتجاجي مارچ ڪيو ويندو. ترميمن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. جنهن لاءِ معروف وڪيلن سان مشاورت مڪمل ڪئي وئي آهي.

بقايا 02

ورڪر محمد اسلم راجپوت ۽ ذيشان علي علائقي جي آبادگارن سان گڏجي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ ماهوٽا ۾ رائيس ڪئنال پرسان پي پي پي اڳواڻ محمد علي ماهوٽو جي ٽالي تي سرڪاري ٽيوبويل لڳل آهي، پر افسوس جو 4 سال گذرڻ باوجود تہ ان ٽيوبويل جو ڪم مڪمل نہ ٿي سگهيو آهي، جنهن سبب پاڻي جي ڏاڍي تڪليف آهي، جڏهن تہ پاڻي نہ هجڻ سبب اسان جا فصل پڻ نہ پيا ٿين. هنن پيپلز پارٽي جي اعليٰ قيادت سميت تڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو تہ معاملي جو نوٽيس وٺي سرڪاري ٽيوبويل جو ڪم مڪمل ڪرائي اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 03

ڏهاڙي جي حوالي سان Y2K اسڪول سکر جي طلباءَ طالبات ڪشميري لباس زيب تن ڪري منفرد انداز ۾ ڪشميري مسلمانن سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ۽ پرجوش نعره هٽي ڪشمير بڻجندو پاڪستان. هن موقعي پرنسپال فرميئ قاسم چيو تہ ڪشمير جنت جي وادي آهي. ڪشميرين جي جدوجهد ڏکهي ۽ صبر آزما آهي پر فتح سنڌن مقدر جي ٿيندي، اقوام متحده کي گهرجي تہ ڪشميرين کي پنهنجي قرارداد موجب حق خوداراديت ڏي، قائداعظم ڪشمير کي پاڪستان جي شہ رگ قرار ڏنو ڪير بہ ملڪ ۽ قوم دشمن جي تلوار آڏو پنهنجي شہ رگ جو نذرانو ڏيڻ برداشت نہ ڪري سگهندو. ڪشمير پاڪستان جو حصو آهي، ڇو جو پاڪستان جي ثقافتي، مذهبي، جاگرافيائي، سماجي ۽ سياسي طور تي پاڪستان جو جز آهي. پاڪستان ڪشميري پاڻرن جي هر ممڪن سفارتي ۽ اخلاقي مدد جاري رکندو، ان مسئلي جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو. پاڪستان حڪومت ڪشمير مسئلي کي هر فورم تي اجاگر ڪري رهيو آهي.

بقايا 04

احسان مري ، وحيد پرڳڙي ، نبي بخش ملاح ،ڪامريڊ جبل سنڌي، مظهر لهر ،مخدوم شفيق الرحمن صديقي، سيد اطهر حسين شاهہ امتياز علي پنهور ،منير احمد سمون، وزير علي خاصخيلي، وڪيل نصير احمد سمون ۽ ٻين چيو آهي تہ بجلي جي بحالي لاءِ هڪ هفتو اڳ مختلف يونين ڪائونسل جي چيئرمينن جي اڳوائي ۾ سوين ماڻهن احتجاج مظاهرو ڪري ڊرٽو هٽي دادو پيارو لنڪ روڊ بند ڪري ڇڏيو هيو جنهن ڪانپوءِ ڊرٽي ۾ ايس ڊي او سيپڪو سيتا ۽ رڪڻ پوليس تارون هٽ ڪري ٽن ڏينهن ۾ پيارو فيڊر جي بجلي بحال ڪرڻ جو واعدو ڪري ڊرٽو ختم ڪرايو هيو پر هفتو گذري وڃڻ ڪانپوءِ بہ تارون ناهن لڳي سگهيون هنن وڌيڪ چيو تہ 3 هفتا اڳ سيتا ٽائي جي حد ڳوٺ غلام رسول موري وٽ نامعلوم چور پيارو فيڊر جي 4 ٿنڀن تان 11 هزار وولٽيج جون تارون چوري ڪٽي کڻي ويا هيا جنهن سبب مختلف ڳوٺن جنهن ۾ پيارو اسٽيشن، ڳوٺ عبدالرحيم ابڙو ،ڳوٺ ٽڳا ،ڳوٺ پاٽ شريف ،ڳوٺ سڄارو ،پراڻو پيارو، ڳوٺ عرض محمد ڪوسو، ڳوٺ درويشاڻي پنهور ۽ ڳوٺ ڪلري سميت 20 کان وڌيڪ ڳوٺن جي بجلي بند آهي جنهن سبب ڪاروباري ماڻهن کي لکين روپين جو نقصان ٿي رهيو آهي پيارو فيڊر بند هجڻ سبب رائيس مل، آٽا چڪيون، پيٽرول پمپ، آرا مشين ۽ ٻيا ڪيترا ڪاروبار بند پيل آهن جنهن سبب واپارين جا مٽي تي هٿ اچي ويا آهن متاثر ڳوٺاڻن سيپڪو جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ بجلي بحال ڪئي وڃي

بقايا 05

عبدالله ميمڻ پريس ڪلب ميرپوربٺورو پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ ميرپوربٺورو تعلقي جي ديهہ چوبندي چانڪي ۾ سنڌن 500 ايڪڙن کان مٿي سروي زمين آهي جيڪا زمين آباد ڪرڻ لاءِ سولنگي برادري جا ماڻهو مسئلا ڪندا رهن ٿا. انهن چيو تہ سولنگي برادري جي ماڻهن اسان جي مٿان الزام هنيو آهي تہ اسان هٿيار بند ساڻ ڪري سنڌن مٿان حملو ڪيو آهي پر حقيقت اها آهي تہ اسان جڏهن زمين تي وڃون ٿا ۽ اوطاق ۾ ويهون ٿا سولنگي برادري جا ماڻهو اسان تي حملو ڪري فائرنگ ڪن ٿا، زميندار پاڻرن چيو تہ اسان ڪو بہ اسڪول بند ناهي ڪرايو باقي اسان جي اجازت ڪانسواءِ اسان جي سروي زمين تي ڪم ڪرايا پي ويا جيڪي اسان بند ڪرائي ڇڏيا آهن. انهن چيو تہ ڪجهہ عرصو اڳ ۾ سولنگي برادري جي هڪ همراهہ صالح سولنگي پاران سنڌس اغوا جو ڪيس اسان جي مٿان داخل ڪرايو ويو جيڪو بہ عدالت ۾ ڪوڙو ثابت ٿيو. انهن چيو تہ سولنگي برادري جي ماڻهن ايترو تہ اسان کي تنگ ۽ پريشان ڪيو آهي جو اسان پنهنجي سروي زمين تي وڃي اها آباد نہ ٿا ڪرائي سگهون. انهن چيو تہ عدالت ۾ هلندڙ ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ دٻاءَ وجهڻ جي لاءِ سولنگي برادري احتجاج جو رستو اختيار ڪيو آهي.

بقايا 06

ناليواري اسٽيج ۽ ٽي وي جي آرٽيسٽ مرحوم سڪندر علي سومرو جي ياد ۾ ”ڪتابي ميلو“ لڳايو ويو جنهن موقعي تي ساده تقريب پڻ رٿي وئي تقريب جي ميزباني ڪي اسڪول پرنسيپال عبدالستار شيخ، عبيد الله سيال، وقار علي سومرو، الهجڙيو سومرو، جي ايم پنهور سميت ٻين قلم ڌڻين سائين سڪندر علي سومرو جي زندگي تي روشني وجهندي چيو تہ سڪندر سومرو بهترين استاد، بهترين آرٽسٽ هجڻ سان گڏ بهترين انسان پڻ هو سنڌس ساده زندگي اسان لاءِ سبق آهي سنڌس ڪردارئي آهي جنهن جي ياد ۾ ميلا ملاکڙا مچايا وڃن ٿا لڳل ڪتابي ميلي جي حوالي سان هنن چيو تہ ڪتاب انسان جو بهترين دوست آهي ڪتاب جو مطالعو ڪامياب زندگي جي ضمانت آهي بدقسمتي سان سوشل مديا ۽ ٻين سبب اڄ جو نوجوان ڪتاب جهڙي انمول دولت کان پري آهي لڳندڙ هي ڪتابي ميلو نوجوانن ۾ ڪتابن جي اهميت ۽ چاهت کي اجاگر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ٻڌجي سگهي ٿو اهڙن ميلن جي اڄ سخت ضرورت آهي تقريب ۾ ناليواري سماجي اڳواڻ مهراڻ لغاري سميت صحافين جي وڏي انگ پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي لڳايل اسٽالن تان وڏي تعداد استادن شاگردن ۽ شهرين پنهنجي پسند جا ڪتاب پڻ خريد ڪيا هي ڪتابي ميلو ٽن ڏينهن تائين جاري رهندو

بقايا 07

ڪراچي جي اسپتال ۾ وفات ڪري ويو جنهن جو مڙهہ آبائي شهر پرياسٽي ۾ آندو ويو نوجوان جو مڙهہ پهچڻ تي سڄي شهر ۾ سوڳ واري صورتحال چانجي وئي نوجوان جي نماز جنازه ۾ سياسي سماجي اڳواڻن صحافين شهرين ۽ پرياسي جي هزارين ڳوٺاڻن شرڪت ڪئي مرحوم کي هزارين آلين اکين ساڻ آبائي ميمڻ قبرستان ۾ تدفين ڪئي وئي جڏهن ٻئي پاسي مرحوم جي ايثال وثواب لاءِ سنڌس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 08

نہ پيارينداسين، ڳوٺاڻن پوليو ٽيم کي واپس ڪري ڇڏيو جيستائين اسان جي ڳوٺ ۾ صحت جي سهولتون نہ ملنديون پوليو جو بائيڪاٽ ٿا ڪريون، ڳوٺاڻن جو احتجاج، اطلاع تي اسسٽنٽ ڪمشنر لکي ۽ مختيارڪار احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن سان ڳالهيون، مطالبو مڃي ورتو،ٻارن کي پوليا جا ڦڙا پياريا ويا، اسان ڊي ايچ او شڪارپور سان ڳالهائي ڳوٺ ۾ ليڊي ڊاڪٽر ۽ دوائن جي سهولت ملي ويندي اسسٽنٽ ڪمشنر لکي، ڳوٺ جي ڊسپنسري ۾ ٻارن لاءِ صحت جي سهولتون ناهن،ليڊي ڊاڪٽريائي بہ ناهي،ڊاڪٽر بہ پنهنجي مرضي تي اچي ٿو،ڳوٺاڻن جون آيل ٽيم آڏو ڏانهون،تفصيل موجب : گذريل ڏينهن چڪ پرسان ڳوٺ عيسو ٽانوري ۾ پوليو ٽيم ٻارن کي پوليو پيارڻ لاءِ پهتي،ڳوٺاڻن محمد ادريس ٽانوري، آصف ٽانوري، محمود ٽانوري ،عبدالرحيم ٽانوري ۽ ٻين احتجاج ڪندي پوليو ٽيم آڏو احتجاج ڪندي چيو تہ اسان جي ڳوٺ ۾ قائم ڊسپنسري ۾ ڪنهن بہ قسم جي سهولت ناهي،ٻارن لاءِ ۽ عورتن جي بيماري لاءِ ليڊي ڊاڪٽريائي مقرر ناهي،دوائون ناهن، هڪ ڊاڪٽر اهو بہ ڊيوٽي تي گهٽ اچي ٿو،جيستائين اسان جي ڳوٺ ۾ اهي سڀ سهولتون نہ ملنديون ٻارن کي پوليو جا ڦڙا نہ پيارڻ ڏينداسين، پوليو جو مڪمل بائيڪاٽ ٿا ڪريون،ڳوٺ ۾ ڪنهن بہ ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ نہ ڏينداسين، ڳوٺاڻن پاران مطالبو رکڻ ڪانپوءِ پوليو جي ٽيم واپس رواني ٿي وئي،اهڙو اطلاع ملڻ بعد اسسٽنٽ ڪمشنر لکي راڄ ڪمار ۽ مختيارڪار لکي صفدر ڪلوڙ احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن وٽ پهچي ڳالهيون ڪيون ۽ مطالبو مڃي ورتو، ڊي ايچ او شڪارپور سان ڳالهائي توهان جي ڳوٺ ۾ سهولتون ۽ ليڊي ڊاڪٽريائي مقرر ڪرائي ڏيڻ جي خاطري بعد ڳوٺاڻن احتجاج ختم ڪري ورتو، ۽ پوليو ٽيم ڳوٺ جي سيني ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياريا.

بقايا 09

شهري عدم تحفظ جو شڪار روڙي شهر ۾ امن امان جي بگڙجندڙ صورتحال شهرين ۾ خوف ۽ هراس پيدا ڪري ڇڏيو آهي روزاني بنيادن تي هٿيارن جي زور تي ڦرلٽ،تشدد ۽ موٽرسائيڪل چوري جا واقعا خطرناڪ حد تائين وڌي چڪا آهن هٿيارٻند ڏينهن ڏٺي جو شهرين کي نشانو بڻائي رهيا آهن جڏهن تہ معمولي مزاحمت تي کين زخمي ڪرڻ جا واقعا بہ سامهون آيا آهن شهر جي مختلف علائقن ۾ موٽرسائيڪلن جي ڦر ۽ گهرن جي ٻاهران بيهاريل موٽرسائيڪلن جي چوري جي وارداتن ۾ واڌاري سبب شهري سراپا احتجاج بڻجي ويا آهن مڇريل عوام روڙي جي چانڊني چوڪ سميت مختلف هنڌن تي پمفليٽ لڳايا آهن جن ۾ ڊي ايس پي روڙي سيد مشتاق شاهہ ۽ ڊي آئي بي انچارج سکر سعيد قاضي کي فوري طور تي هٽائڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي شهرين جو چوڻ آهي تہ پوليس جي ناقص ڪارڪردگي ۽ ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي نہ ٿيڻ سبب ڏوهن ۾ واڌارو ٿيو آهي هنن الزام لڳايو آهي تہ لاڳاپيل آفيسرن جي غفلت ۽ لاپرواهي سبب چوري ۽ ڌاڙن جا واقعا ڏينهون ڏينهن وڌي رهيا آهن جنهن سبب شهري عدم تحفظ جو شڪار آهن شهرين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ اهي فوري طور تي نوٽس وٺي روڙي ۾ امن امان قائم ڪرڻ لاءِ موثر قدم کنيا وڃن ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ لاءِ ڌوهارين خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 10

طرفان شهيدن جي 17هين ورسي ملهائڻ لاءِ گڏجاڻي ڪئي وئي گڏجاڻي جي صدارت لالا عبدالستار قريشي ڪئي گڏجاڻي ۾ پروفيسر محمد عرفان ڪلهوڙو، تابش بخاري، ولي چانڊيو، ساجد مستوئي، گل شير سولنگي، شهزاد چانڊيو، رياض ولي چانڊيو، دانش خشڪ، شعبان سولنگي، ساڄن سهتو، عاطف چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي اڳواڻن چيو تہ دادو ۾ جيئي ڀٽو جو نعرو هڻڻ تان 8 فيبروري سال 2008 ۾ شهيد ٿيل پنجين ڪلاس جي معصوم شاگرد شهيد شاهجهان قريشي ۽ شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جي 17هين ورسي شهيد شاهجهان قريشي يادگار ڪاميٽي طرفان گڏيل طور تي ضلع ڪائونسل هال دادو ۾ ملهائي ويندي شهيد شاهجهان قريشي جي ورسي تقريب ۾ سول سوسائٽي جي نمائندن، شاعرن، اديبن، صحافين ،سميت مختلف مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ اڳواڻن کي شرڪت جي دعوت ڏني ويندي.

بقايا 11

پيڪا ايڪٽ ترميمي بل ذريعي صحافين جي رستا روڪ ڪري رهي آهي، سنڌ ۾ شهيد صحافي نصر گڏاڻي، جان محمد مهر، اصغر کنڊ سميت ٻين جي خون سان اڃا تائين انصاف ناهي ٿي سگهيو، پيڪا ايڪٽ ترميم کي ڪارو قانون سمجهي رد ڪريون ٿا. اهڙن خيالن جو اظهار يونين آف جرنلسٽس ضلعي خيرپور جي صدر سيد عبيد شاهہ جيلاني ديهہ سوهو ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. سيد عبيد شاهہ جيلاني چيو تہ پاڪستان جي سرڪار انٽرنيشنل فورمن تي آزاد صحافت کي تسليم ڪري ظاهري طور آزاد ميڊيا جي حمايتي پئي ڪري، پر افسوس آهي تہ پيڪا ايڪٽ ۾ من پسند ترميم ڪري بل منظور ڪري آزاد صحافت جي رستا روڪ ڪئي پئي وڃي، سيد عبيد شاهہ جيلاني چيو تہ جيڪڏهن پيڪا ايڪٽ ترميم شفافيت تي ٻڌل هجي هان تہ بل منظور ٿيڻ کان اڳ ملڪ جي سرگرم صحافتي تنظيمن، سينئر صحافين سان مشاورت ڪئي وڃي هان، سيد عبيد شاهہ جيلاني چيو تہ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي قيادت پيڪا ايڪٽ ترميم کي رد ڪري ڇڏي، هن چيو تہ جيڪڏهن پيڪا ايڪٽ ترميم جو بل واپس ورتو وڃي، ٻي صورت ملڪ جا صحافي ڏڙا پيڪا ايڪٽ خلاف تحريڪ کي وسيع ڪندا.

بقايا 12

شهر جي لاهوري پاڙي ۾ تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ لاڙڪاڻو اسٽار پڄن يونين جي صدر جنيد احمد گاد. سرپرت اعليٰ سرفراز مناٽي، چيف ايگزيڪيٽو عرفان احمد لغاري، جنرل سيڪريٽري احمد علي شيخ، ايگزيڪيٽو ميمبر نديم حسين سولنگي، خزانچي سيد علي رضا شاهہ نائب صدر ثناءُ الله مغيري، محسن گل پٺاڻ، عباس لغاري، سجاد لغاري، راڄا جوکيو سميت ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي سپر الشهباز يونين جي استادن اياز جاويد ڀٽو، حضور بخش ميمڻ، شيراز احمد جتوئي، جاويد اعوان، شاهد رند، وحيد بلوچ، ٻين سامٽيو، حسين ابڙو، افن احمد سومرو، خادم سرگاڻي ۽ ٻين لاڙڪاڻو پڄن يونين جي اڳواڻن کي ڪبوترن بابت استادي ۽ شاگردي جي سکيا ڏيڻ سان گڏ کين پٽڪا پارائيندي چئن عهديدارن کي بااختيار خليفو ۽ ٽن کي شاگرد مقرر ڪيو ويو. هوڏانهن مقرر ٿيل خليفن ۽ شاگردن کي ڪبوترن جي شوڪينن پاران گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏنيون ويون.

بقايا 13

پوليو مهم کي هر صورت ۾ ڪامياب بڻائڻ جو ڏمو کڻي ڇڏيو. انهيءَ سلسلي ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو پوليو مهم جي ٻهرين ڏهاڙي ايس ايس پي سکر محمد اظهر مغل سان گڏجي سکر جي مختلف اسپتالن ۽ اسڪولن جا دورا ڪيا ۽ اسڪولن ۾ هر ڪلاس ۾ وڃي پنجن سالن تائين عمر جي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيئاريا. ان موقعي تي ڊي سي سکر ڊاڪٽر ايم بي راجا ڌاريجو ۽ ايس ايس پي سکر محمد اظهر مغل جو چوڻ هو تہ رڳو انتظاميا ڪي ئي نہ. پر معاشري جي هر فرد کي پڻ هن موذي مرض جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. هنن والدين، سول سوسائٽي ۽ ميڊيا کي اپيل ڪئي تہ مهم جي ڪاميابي لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن ۽ ماڻهن کي قائل ڪن تہ هو پنهنجي ٻارڙن کي پوليو جا ڦڙا پيئاري کين معذوري کان بچائين.

بقايا 14

جاگير وتان روڊ تي ڪري شديد زخمي ٿي پيو جنهن کي وارث فريدآباد جي هڪ نجي ڪلينڪ تي ڪٺائي آيا جتان ڊاڪٽرن پاران ميهڙ ڪٺائي وڃڻ جو مشورو ڏنو جنهن کان بعد زخمي ٽيگر کي ڳٽي جوڳي حالت ۾ ميهڙ کان لاڙڪاڻي نيو پئي ويو تہ زخمن جا تاب نہ سهندي معصوم ٻارڙو رستي ۾ ئي فوت ٿي ويو نينگر جي فوت ٿيڻ جو ٻڌي وارثن جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا 15

برادري جي تقريب منعقد ڪئي وئي. خبر موجب: موجب جماعت اصلاح المسلمين ضلع ملير زون 3 گڏاپ ڪراچي جي 36 برانچن جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب جامع عربيہ طاهريہ مرڪز ٽول پلازا حاجي ذڪريا ڳوٺ ۾ ضلعي عهديدارن خلفاءِ ڪرامن جي نگراني ۾ ٿي گذري جنهن ۾ برانچ عهديدارن کان علاوه وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. هن تقريب ۾ ضلعي عهديدارن ڪان علاوه خلفاءِ ڪرام جنهن ۾ خليفہ حضرت علامہ مفتي ابراهيم طاهري، خليفہ محمد محسن بروهي طاهري، خليفہ عبدالغني پالاري پڻ شرڪت ڪئي. پروگرام جي شروعات ڪلام پاڪ جي تلاوت سان حافظ جلالدين ڪئي. گلدستہ نعت محمد اويس طاهري، منقبت جو نذرانو فقير اعظم طاهري پيش ڪيو. جماعت ۽ تنظيم جي 6 نقاطي ڪم تي ليڪچر خليفہ عبدالغني پالاري طاهري ڏنو جڏهن تہ غلام علي صدر برانچن جي عهديدارن کان حلف ورتو.

بقايا 16

ڪان محروم آهي، اسڪول جي عمارت زبون بڻجي وئي، فرنيچر نہ هجڻ سبب ٻار پٽ تي ويهي پڙهڻ لاءِ مجبور آهن. ڳوٺاڻن ۽ شاگردن عمران جت، اشتياق جت، شهمير جت، غلام محمد جت، جاويد احمد جت، شوڪت جت ۽ ٻين احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي تہ 133 شاگردن لاءِ صرف هڪ ماستر مقرر ٿيل آهي، جڏهن تہ اسڪول ۾ فرنيچر جي سخت کوٽ آهي، جنهن ڪري ٻار پٽ تي ويهي تعليم پرائڻ تي مجبور آهن. ڪافي پيرا ڊي سي متياري ۽ تعليم کاتي متياري کي ڏانهيو آهي، پر سنڌن ڪير بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي، جنهن ڪري سوين شاگردن جي تعليم داءَ تي لڳي چڪي آهي، هنن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي تہ اسڪول مسئلا حل ڪيا وڃن.

بقايا 17

۾ تعارفي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ڊيلر ايسوسيئشن لاڙڪاڻي جي صدر حافظ محمد سليمان شيخ، ايف ايف سي جي زرعي ماهر محمد وقاص، اسد علي، سنڌ آبادگار بورڊ جي اڳواڻ زوهيب احمد، چيمبر آف ڪامرس جي اڳوٽي صدر احمد علي شيخ سميت آبادگارن ۽ هارين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي زرعي ماهر محمد وقاص ۽ ٻين چيو تہ ايف ايف سي هميشہ معياري پاڻ ۽ زرعي خدمتون فراهم ڪندي پئي اچي تہ جيئن هارين ۽ آبادگارن جي معيشيت ۾ بهتري اچي سگهي، جڏهن تہ سونايوريا سب کان وڌيڪ طاقتور نائٽروجني پاڻ آهي ۽ هارين ۾ تمام گهڻي مقبول آهي، جڏهن تہ سنڌ جي زمينن زنڪ جي ڪمي آهي جيڪو فصل جي پيداوار تي اثرانداز ٿيندو آهي. هنن وڌيڪ چيو تہ ايف ايف سي جديد تحقيق ۽ ٽيڪنالاجي جي روشني ۾ سونايوريا زنڪ کي متعارف ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهي، جنهن ۾ هڪ سيڪڙو زنڪ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو فصلن جي بهتر پيداوار ۽ وڌندڙ ترقي ۾ مددگار ثابت ٿيندو. هوڏانهن ڊائريڪٽر زراعت توسيع لاڙڪاڻو پڻ ايف ايف سي جي زرعي شعبي ۾ ڏنل خدمتن جي ساراهہ ڪئي ۽ ان کي سنڌ جي زرعي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ وارو قرار ڏنو.

بقايا 18

جي ايجنٽ عدنان رنڌاوا کان ڪچي آبادي پاڙي ۾ ٽي هٿيارٻند مبينہ تيرهن لک رپيا ڦري فرار ٿي ويا عدنان رنڌاوا جو چوڻ آهي تہ مان سبزي منڊي ۾ ايجنٽ طور ڪم ڪريان ٿو مان نقد رقم کڻي گهر آيس اسان تي ڇٽا موٽرسائيڪل تي سوار ٿي بئنڪ ۾ 13 لک رپيا بئنڪ جمع ڪرائڻ لاءِ وڃي رهيا هئاسين تہ گهر پرسان 3 نامعلوم هٿيارٻند نقاب پوش ڦورن پئسا ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ فائرنگ ڪئي تہ منهنجو پاءُ ڏڃي ڪري پيوءِ هٿيارٻند پئسا کڻي فرار ٿي ويا. اسان بروقت پوليس کي اطلاع ڪيو ۽ واقعي جي رپورٽ درج ڪرائي آهي پوليس موجب اسان ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جانچ ڪري رهيا آهيون ڦورن کي جلد گرفتار ڪيو ويندو ٻئي پاسي واپاري تنظيمن پاران واقعي جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي سنڌن چوڻ هو تہ سانگهڙ ضلعي ۾ ڌوهارين جو راڄ قائم آهي هتي ڪو بہ ماڻهون محفوظ ناهي ڌاڙا ۽ ڦرون ۽ چوريون معمول بڻجي ويون آهن انتظاميہ جي رٽ بلڪل ختم ٿي چڪي آهي هنن آئي جي سنڌ ڊي آئي جي شهيدبينظيرآباد ۽ ايس ايس پي سانگهڙ کان مطالبو ڪيو آهي تہ سانگهڙ ۾ امن امان جي صورتحال کي يقيني بنايو وڃي

بقايا 19

حسين سانگي سموري ڊويزن اندر پوليو وائرس جي خاتمي واري مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪال رتوديرو تعلقي جي يوسي وارث ڏنو ماڇي ٻهچي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياري نيئن پوليو مهم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي لاڙڪاڻي جي ڊي ايچ او ڊاڪٽر شوڪت ابڙو، ايريا ڪوآرڊينيٽر عزيز مرتضي' منگي، رتيديري تعلقي جي ٽي ايچ او ڊاڪٽر امان الله ۽ سي سي او محمد عالم مارفاڻي ڪيس پوليو مهم بابت بريفنگ ڏني. ڪمشنر لاڙڪاڻو کي ٻڌايو ويو تہ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ 407959 ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو ٽارگيٽ مقرر ڪيو ويو آهي. ان لاءِ 1087 موبائل ٽيمون جوڙيون ويون آهن، جڏهن تہ 90 فڪسڊ ٽيمون آهن. ان ڪانسواءِ 87 ترانزٽ ٽيمون مقرر آهن. ضلعي اندر 76 يو سي ايم اوز ۽ 280 ايريا انچارج بہ ڊيوٽي سر انجام ڏئي رهيا آهن. ان موقعي تي ڪمشنر لاڙڪاڻو طاهر حسين سانگي عملدارن کي هدايت ڪئي تہ پوليو مهم کي هر صورت ۾ ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا وڃن، پنجن سالن تائين جي هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا لازمي پياريا وڃن.

بقايا 20

تي ٻڌل ٻہ رڪني بئنچ ٽاٽو شاهہ لطيف ٽائون جي حدن مان گم ٿيل شهري جي گمشدگي تي ڳولا بابت داخل درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، عدالت ۾ درخواست گذار جي وڪيل چيو تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ شهري امتياز علي شاهہ ٽاٽو شاهہ لطيف ٽائون جي حدن مان گم ٿي ويو هو. درخواست گذار جي وڪيل جو عدالت ۾ موقف هو تہ هڪ ايس آءِ او جي فون ڪال آئي، جنهن ۾ 10 لک رپين جي گهر ڪئي وئي. فون ذريعي چيو ويو تہ جيڪڏهن 10 لک رپيا ڏنا ويا، تہ شهري کي آزاد ڪيو ويندو. درخواست گذار جي وڪيل عدالت کان استدعا ڪئي تہ شهري کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. عدالت ڪان سنڌ سرڪار جي وڪيل ڪامران بلوچ جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت طلب ڪئي. عدالت درخواست جي ٻڌڻي ٻن هفتن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 21

صوفيائي روحاني جماعت انجمن غلامان قلندر ويلفيئر يونٽ سيتارو ڊ پاران سيتارو ڊ شهر ۾ هر سال جيان هن سال بہ جشن ولادت باسعادت حضرت امام حسين عليہ السلام جي آمد جي خوشي ۾ ساليانہ درود پاڪ جي محفل سيتارو ڊ ريلوي اسٽيشن گرائونڊ تہ منعقد ڪئي وئي' پروگرام جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي جنهن بعد انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ پاڪستان جي سرواڻ سيد غلام حيدر شاهہ قلندري جي دستاربندي ڪئي وئي ان موقعي تي آيل مهمانن ۾ لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا ۽ سڄي سنڌ مان آيل قلندري مهمانن کي شهباز گروپ جي سرواڻ سائين شفيع محمد سولنگي آجياڻو ڏنو. پروگرام جي ڪمپيئرنگ جا فرائض منظور سيتائي سرانجام ڏنا ۽ دادو کان آيل جڳ مشهور نعت خوانن طارق چارڻ قلندري ۽ شاهنواز ٿهيم قلندري نعتون ۽ منقبتون پڙهي محفل کي جهومايو جڏهن تہ جشن ولادت باسعادت حضرت امام حسين عليہ السلام جي آمدجي خوشي ۾ ساليانہ درود پاڪ جي محفل ۾ انجمن غلامان قلندر ويلفيئر سنڌ جي روحاني سرواڻ سيد غلام حيدر شاهہ قلندري خطاب ڪندي چيو تہ دنيا افراتفري جي ور چڙهي وئي آهي نوجوان ۽ عام ماڻهو سماجي مسئلن سبب سخت پريشان آهن ان ۾ درود پاڪ واحد نسخو آهي جنهن ذريعي مختلف مونجهارن مان نڪري سگهجي ٿو وڌيڪ پنهنجي روحاني خطاب ذريعي آيل دوستن جي دلين کي روشناس فرمايو امام حسين عليہ السلام جي آمد جي خوشي ۾ ڪروڙين درود پاڪ ۽ ختم القرآن جو تحفو محبوب ڪريم جي بارگاهہ اقدس ۾ پيش ڪري پوري عالم اسلام لاءِ خصوصي دعا گهري وئي

بقايا 22

ريلي ڪڍي وئي سنڌي ادبي سنگت مرڪز جي هدايتن مطابق فيبروري مهيني کي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا مهم هلائڻ واري اعلان تي عمل ڪندي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف پاران مختلف تنظيمن سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن ايوان صحافت ڦلجي اسٽيشن ۽ ڳوٺ جي سڄاڻ شخصيتن جي شرڪت سان سليم چنہ لائبريري کان يونين ڪائونسل آفيس پاٽ شريف ۽ مخدوم هائوس تائين هٿن ۾ بينر کڻي ريلي ڪڍي وئي سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي سيڪريٽري گلزار ڪلهوڙو ڪائونسلر ميرسردارچنڙ ۽ سگا مرڪز جي انفارميشن سيڪريٽري احمد حسن پنهور ،سگا مرڪز جي سي اي سي ميمبر محمد اعظم ميمڻ ايوان صحافت جي صدر راڻا نصرالله ، جنرل سيڪريٽري سڪندر علي پنهور صحافي غلام سرور پنهور ريلي جي اڳواڻي ڪئي ، جڏهن تہ سينئير صحافي عبدالله خان شاهاڻي غلام حيدر پنهور شير خان منگي نيڪ محمد پنهور، تنوير ميمڻ خالدحسين منگي حاڪم علي ٻلڙ اظهار علي ڪلهوڙو سڪندر علي مير مختيار برهماڻي خادم سين چنا شهاب الدين لانگاهہ صدام حسين چنہ شاهد حسين ميمڻ عاشق شبيرڻ پاٽائي ۽ ٻين جاڳرتا ريلي ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ تنهنجي ٻولي منهنجي ٻولي سنڌ ٻولي سنڌي ٻولي جا زوردار نعرا لڳايا ۽ سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ جو مطالبو ڪيو سگا جي مرڪزي اڳواڻن احمد حسن پنهور ۽ محمد اعظم ميمڻ ريلي کي خطاب ڪندي چيو تہ سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف پاران هي جيڪا ريلي نڪتي آهي ان ۾ سگا مرڪز جي هدايتن مطابق يڪجهتي طور اسان بہ شرڪت ڪئي آهي چوجو سنڌي ٻولي کي بچائڻ اسان سڀني تي فرض بڻجي ٿو

بقايا 23

ڪراچي واسي ڊرائيور اقبال احمد چنو کان ڪار ڦر ڪئي وئي هٿيارٻند فرار ٿي ويا. ڪراچي واسي ڊرائيور اقبال احمد ولد محمد اسماعيل چنو پاران احتجاج ڪيو ويو آهي ڊرائيور اقبال احمد چنو جو چوڻ آهي تہ ڪائوڙ مان 3 مسافر 11 هزار ۾ ڪار ڪرائي تي پٽ شاهہ لاءِ وٺي آيا پٽ شاهہ ۾ زيارت بعد انهن واپس لنڪ روڊ سان هلڻ جو چيو ۽ تشدد بعد ڪار ڦر ڪري فرار ٿي ويا غريب ۽ مسڪين آهيان گاڏي هلائي روزگار ڪندو آهيان ڪار سلور ڪلر ۾ اي پي ڊي 078 نمبر آهي پوليس ڪارروائي ڪري گاڏي هٿ ڪري ڏي ۽ مونسان انصاف ڪيو وڃي. ٻي پاسي پوليس پاران ڪار جي ڳولا شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 24

چوري ٿيڻ روز جو معمول بڻجي ويو آهي عبدالله شاهہ غازي ڳوٺ سائين حسين شاهہ بنگلي پرسان مان نامعلوم چور رهواسي احمد علي چانڊيو جي گهر ٻاهران سي ڊي سيونٽي نمبر KPY1159 ماڊل 2022 ع چوري ڪري فرار ٿي ويا جنهن جي اين سڃل ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي پر پوليس چوري ڪيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائڻ ۽ گاڏين جي چوري ختم ڪرڻ ۾ مڪمل ناڪام ٿي وئي آهي ٻئي بائيڪ جي مالڪ احمد چانڊيي چيو تہ اسان جي گهر ٻاهران نئين موٽر سائيڪل بيٺل هئي جيڪي چور ڪاهي آساني سان فرار ٿي ويا آهن آئي جي سنڌ، ايس ايس پي اوير ڪان مطالبو ٿو ڪجي تہ چوري ڪيل بائيڪ واپس ڪرائي امن کي يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 25

راڄا عبدالرزاق بلوچ، ڊائريڪٽر جنرل نادرا احتشام شاهد سان گڏ نادرا آفيس ولي محمد ڳوٺ يوسي صالح محمد ڳوٺ جو افتتاح ڪيو. چيئرمين طارق عزيز بلوچ چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي عوام سان ڪيل هڪ ٻيو واعدو پورو ڪيو هن نادرا آفيس سان گڏ گڏاپ ٽائون جي مختلف يوسين ۾ 4 نادرا جا سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن. هن نادرا آفيس سان يوسي صالح محمد ڳوٺ ۽ اردگرد جي علائقن جي عوام کي شناختي ڪارڊ، ب فارم ، فيملي رجسٽريشن ۽ نادرا سان لاڳاپيل ٻيون سهولتون حاصل ڪري سگهن ٿا. چيئرمين طارق عزيز بلوچ، ميمبر قومي اسيمبلي سيد آغا رفيع الله، ميمبر صوبائي اسيمبلي راڄا عبدالرزاق بلوچ، ڊائريڪٽر جنرل نادرا احتشام شاهد جي تعاون سان شڪريو ادا ڪيو. ميمبر قومي اسيمبلي سيد آغا رفيع الله چيو تہ پاڪستان پيپلزپارٽي جي منشور ۽ ويزن جي مطابق عوام کي ٻور ٽو ٻور جي سهولتن جي مشن تي گامزن اهيون. پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي مليرجي صدر ۽ ميمبر صوبائي اسيمبلي راڄا عبدالرزاق بلوچ چيو تہ يوسي صالح محمد ڳوٺ گڏاپ ٽائون ۾ نادرا آفيس جي قيام سان عوام کي نادرا جي سهولتون ۽ ان جي فراهمي ۽ مسئلن جي حل جي لاءِ بہ هڪ وڏو قدم آهي. پاڪستان پيپلزپارٽي عوام جي مسئلن ۽ ان کي حل ڪرڻ جي لاءِ هرجاءِ تي پيش پيش آهن. ان موقعي تي پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي ملير جي جنرل سيڪريٽري امداد جوکيو، انفارميشن سيڪريٽري شاهہ جهان خان، يوسي چيئرمين انور بلوچ، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر، سب انجنيئر (ايم اينڊ اي) ارشد بلوچ، سب انجنيئر (بي اينڊ آر) ظفر شفيع، ڊپٽي ڊائريڪٽر انفارميشن محمد شرجيل خان، فوٽو گرافي محمد نعمان خان، اسسٽنٽ شاهہ محمد شاهہ، چيئرمين پي ايس لعل جان نبي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 26

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ علامہ آءِ آءِ قاضي لائبريري پاران 26 کان 28 فيبروري 2025 تائين 3 ڏينهن تي مشتمل ادبي ۽ تعليمي ڪتابي ميلو ڪوٺايو جو اعلان ڪيو ويو آهي. ڪتابي ميلي جو مقصد شاگردن، استادن ۽ عام ماڻهن ۾ مطالعي جو شوق پيدا ڪرڻ، کين مختلف موضوعن تي ڪتابن تائين رسائي ڏيڻ ۽ ادبي ۽ تعليمي بحث مباحثن کي هٿي وٺرائڻ آهي. ڪتابي ميلي ۾ نامور ليکڪ، عالم فاضل ۽ پبلشر شرڪت ڪندا. جتي نئين ڇپجندڙ ڪتابن جو مهورت پڻ ٿيندو ۽ حاضرين مک تقريرون ڪندڙن سان ملاقات ۽ علمي بحث مباحثا پڻ ڪري سگهندا تہ جيئن يونيورسٽيءَ جي ادبي ۽ تعليمي ماحول کي وڌيڪ سگهارو بڻائي سگهجي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي جي ڊائريڪٽر غلام مرتضيٰ سيال موجب ڪتابي ميلو شاگردن کي چونڊ ليکڪن ۽ تعليمي شخصيتن سان ملڻ جو موقعو فراهم ڪندو. جنهن سان هو نوان خيال ۽ فڪر ڳولي سگهندا. هن چيو تہ مطالعي جي سگهاري ثقافت علمي عظمت جو بنياد آهي.

بقايا 27

طرفان جوائنگ نہ ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ اميدوارن باقر علي جلباڻي، حافظ نياز جتوئي، محمد شريف چهواڻ، عبدالخالق جتوئي، رياض گاڏهي، اسلم پرويز سيال ۽ ٻين ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو تہ سال 2023 ع جي آگسٽ مهيني ۾ اسان کي سنڌ جي مختلف سرڪاري کاتن ۾ ميرٽ جي بنياد تي هڪ کان چار گريڊ جي نوڪرين جا آرڊر حاصل ڪياسين. پر هن وقت تائين اسان کي جوائنگ نہ ٿي ڏني وڃي، جنهن سبب اسين سخت پريشان ۾ مبتلا ٿي ويا آهيون. جڏهن تہ جوائنگ نہ ملڻ واري مسئلي تي اسان پي پي پي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، ايم پي اي سهيل انور سيال سميت پيپلز پارٽي جي ٻين اڳواڻن سان ملي سنڌن اڳيان ڏانهون ڪيون آهن. پر تنهن باوجود هن وقت تائين ڪو تدارڪ ناهي ڪيو ويو. هنن پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪو چيئرمين ۽ صدر پاڪستان آصف علي زرداري، سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ سميت ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي تہ معاملي جو نوٽيس وٺي اسان کي جوائنگ ڏياري روزگار سان لڳائي چانيل بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 28

زونل مئنيجر سائوٿ زون نعيم اختر، ريجنل مئنيجر حيدرآباد شمس الظفر، هيڊ آف سلز ڪراچي منظور احمد شيخ ايگري سروسز آفيسر نعمان حيدر ۽ آبادگارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي نعيم اختر خطاب ڪندي چيو تہ زراعت کي معيشت جي ريڙهہ جي هڏي چيو وڃي ٿو پاڪستان جي زمينن ۾ زنڪ جي گهٽتائي ۽ فصلن جي بهتر پيداوار کي وڌائڻ لاءِ فوجي فرٽيلائزر ڪمپني جديد ٽيڪنالوجي سان تيار ٿيل زياده طاقتور سونا يوريا زنڪ ڪوٽڊ پاڻ متعارف ڪرايو آهي ان موقعي تي نعمان حيدر ٻڌايو تہ زنڪ جي استعمال سان 6 کان 20 سيڪڙو تائين فصلن ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو ڪوٽنگ لاءِ زنڪ سلفيٽ جو استعمال ڪيو ويو آهي جنهن سان نائيٽروجن جي ضايع ٿيڻ ۾ گهٽتائي ايندي انهن چيو تہ سونا يوريا زنڪ ڪوٽڊ سيني فصلن ۽ زمينن لاءِ فائديمند آهي سونا يوريا جي هر داڻي تي زنڪ ان جي قوت مدافعت وڌائي ٿو جنهن سان فصلن جي پيداوار ۾ اضافو ٿيندو ان موقعي تي ريجنل مئنيجر شمس الظفر ۽ هيڊ آف سيلز ڪراچي منظور شيخ چيو تہ ايف ايف سي آبادگارن جي معاشي خوشحالي لاءِ معياري پاڻ ۽ زرعي خدمتون سرانجام ڏئي رهي آهي ۽ زراعت جي بهتري ۽ غذائي تحفظات جي لاءِ بهتري طرف هڪ نئون سفر جاري رهندو ان موقعي تي ايف ايف سي جا ڊيلر سرڪار جا نمائندا ۽ علائقي جا ترقي يافتہ آبادگار پڻ موجود هئا

بقايا 29

پير آف پٽ شاهہ سيد گدا حسين شاهہ لطيفي،سيد فدا حسين شاهہ لطيفي ۽ سيد جراڙ حسين شاهہ لطيفي طرفان جشن ولادت جو ڪيڪ ڪٽيو ويو ۽ ريلي ڪڍي درگاهہ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي مزار تي چادر چاڙهي دعا گهري وئي ۽ درگاهہ چاڙهي پليٽ فارم تي سيد گدا لطيفي ،سيد فدا حسين شاهہ ۽ سيد جراڙ حسين شاهہ لطيفي جي ميزباني هيٺ جشن جي محفل جو اهتمام ڪيو ويو قصيده خوانن حضرت امام حسين عليہ السلام ۽ غازي عباس علمدار جي شان ۾ قصيدا پيش ڪري عقيدتمندن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو جڏهن تہ غازي عباس علمدار جي جشن جي موقعي تي درگاهہ ڀٽائي سميت شهر جي مختلف هنڌن تي پڻ ڪيڪ ڪٽيا ويا ۽ جشن ولادت با سعادت غازي عباس علمدار جي موقعي تي آتش بازي جو مظاهرو ڪري خوشي جو اظهار ڪيو ويو. جڏهن تہ درگاهہ چاڙهي پليٽ فارم تي جشن جي محفل رات دير تائين جاري رهي، جنهن ۾ مشهور قصيده خوان استاد غلام علي بخشي ۽ ٻيا قصيده خوان شريڪ هئا.

بقايا 30

جي ڪجهہ شرپسند ماڻهن جي چرچ تي منهنجي پاءُ سميت ٽن گهر جي ڀاتين جي قاتل جوابدار ڏٽي بخش گوندل جي زال مسمات صحت خاتون ۽ جوابدار جي ڀيڻ مسمات مٺا خاتون اسان جي خلاف ميڊيا ٽرائل ڪري عدالت جي توهين ڪرڻ سان گڏ ماڻهن کي گمراهہ پڻ ڪيو آهي، خبر ۾ ڪاب سچائي يا صداقت ناهي سراسر ڪوڙ ۽ الزام تراشي آهي، هن وڌيڪ چيو ت اصل حقيقت هي آهي ت اسان ڪنهن جي ب زمين تي قبضو ن ڪيو آهي، اها زمين غير آباد پئي آهي، زميني تڪرار تان ٽي سال اڳ منهنجي پاءُ احمد خان ۽ پاڃائي ۽ ٽنهن کي رات جو ڏٽي بخش ۽ لطيف گوندل گهر ۾ گهڙي کهاڙين ۽ ڪاتن جا وار ڪري بي دردي سان قتل ڪري ڇڏيو هو، ان ڪيس ۾ مان فريادي پڻ آهيان. جوابدار هٿي گرفتار ٿيل ۽ جيل ۾ آهن. ميڊيا ٽرائل ڪندڙ جوابدار جي زال ۽ هڪ ڀيڻ آهي، جيڪي ڪيس تان هٿ ڪڍڻ لاءِ طرحين طرحين جا ميڊيا ٽرائل ذريعي الزام هڻي اسان کي بليڪ ميل ۽ عزت مجروع ڪن ٿا، ت جيئن اسين ڪيس تان هٿ ڪڍي ڇڏيون. هن وس وارن کي اپيل ڪئي ت ميڊيا ٽرائل ڪندڙن کي گرفتار ڪري اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 31

ڪان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي احتجاجي مظاهرو ڪيو ريلي ۾ شرڪت ڪندڙ پيڪا آرڊيننس خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي پريس ڪلب جي صدر يونس راڄپر، جنرل سيڪريٽري علي نواز سولنگي، يوسف منگي مسرور چانڊيو، عطا حسين سمون، خادم سيال ماجد تگڙ، ارشاد عباسي عرفان ميمڻ ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ هڪ طرف صحافين تي ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن تہ ٻئي طرف پيڪا آرڊيننس جاري ڪري صحافت جي آزادي تي ضرب لڳائي وئي آهي احتجاج ڪندڙن مطالبو ڪيو تہ حڪومت صحافين کي تحفظ فراهم ڪري، پيڪا آرڊيننس واپس وٺي ۽ پڊعيدن جي صحافي حيدر پلہ خلاف ڪوڙو ڪيس ختم ڪري نہ تہ ٻي صورت ۾ سڄي ملڪ ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا 01

کندي ڳوٺ جي ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ کان انڪار ڪندي پوليو ٽيم کي واپس ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن جو چوڻ هيو ته ڳوٺ غازي خان ساهواڻ گذريل ڪيترن ئي سالن کوبه ترقياتي ڪم نه ڪرايو ويو آهي. هن ڳوٺ ڏانهن ايندڙ ويندڙ روڊ تباهه لڳا پيا آهن. جڏهن ته آسپاس وارن ڳوٺن ۾ ڪافي ترقياتي ڪم ڪرايا ويو آهن. پر اسان جي ڳوٺ ڏانهن ايندڙ روڊ ڪيترن سالن زبون حالي جو شڪار بڻيل آهي. ڪافي ڀيرا احتجاجي مظاهرا ڪيا آهن. پر اسان جي ڪير به ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. جنهن ڪري اسان کي اچ وڃ لاءِ سخت پريشان آهيون ۽ حادثا روز جو معمول بڻيل آهن ۽ ڳوٺ جي مريضن کي ايمرجنسي ۾ اسپتال تائين نٿا پهچا سگهون. چونڊيل نمائندا صرف من پسند ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرائي رهيا آهن اسان جو ڳوٺ صرف انهن کي اليڪشن جي ٽائيم تي نظر اچي ٿو هنن چيو ته جر جو پاڻي پڻ انتهائي ناقص ٿي چڪو آهي، جنهن ڪيترائي ڳوٺاڻا خراب پاڻي واپرائڻ سبب مهلڪ بيمارين ۾ وڪوڙجي ويا آهن. هنن چيو ته ڳوٺ ۾ گندي پاڻي جي نيڪال جو نظام ڏانوان ڏول لڳو پيو آهي. جنهن ڪري بيماريون عام جام ٿي ويون آهن ۽ ڪيترائي ماڻهو خارش جهڙي مرض ۾ وڪوڙجي ويا آهن. جڏهن ته اسڪول ۾ استادن، فرنيچر جي سخت کوٽ برقرار آهي. هنن چيو ته اسان جو مطالبو آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ روڊ سميت بنيادي سهولتون مهيا نه ڪيون ويون ته پوليو مهم جو بائيڪاٽ جاري رهندو.

بقايا 02

ميموريل لائبريري جي ريڊرس فورم طرفان سنڌ حڪومت جي 15 سال عمر ۾ رعايت نه ڏيڻ واري عمل خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ کڻي نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن سرتاج علي جتوئي، سهيل احمد جوکيو، عمران علي ٽڳڙ، عمران علي ڪلهوڙو، سيد وقار شاهه، جاويد علي شاهه، واجد شاهه، علي رضا سومرو، فهيم احمد ۽ ٻين چيو ته سنڌ حڪومت 15 سالن واري عمر ۾ رعايت ختم ڪري ملڪ ۽ آئين جي خلاف ورزي ڪئي آهي، جڏهن ته ملڪ جي آئين سڀني صوبن کي عمر جي حد ۾ 15 سالن تائين رعايت ڏني آهي، هن وقت به پنجاب، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ 15 سالن تائين عمر ۾ واڌ مليل آهي، ٻي پاسي سنڌ ۾ صوبائي حڪومت عمر ۾ ڪٽوتي ڪري سنڌ جي نوجوانن سان وڏو ظلم ڪري انهن ۾ سخت مايوسي، لاچاري ۽ احساس محروميت پيدا ڪئي آهي، هنن چيو ته اسان سنڌ حڪومت کي اهو واضع طور تي ٻڌائڻ چاهيون ٿا ته سنڌ جا شاگرد هر صورت ۾ پنهنجي جائز حق کان هٿ نه کڻندا ۽ پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ هر فورم تي آواز اٿاريندا. جيسيتائين سنڌ ۽ نوجوان دشمن پاليسين جو خاتمو ڪونه ٿو ٿئي، شاگردن اهڙن پاليسين کي رد ڪرڻ جو عظم ڪيو آهي. هنن چيو ته صوبائي حڪومت جي اها ڪيڏي نه ستم ظريفي آهي ته ملڪ جي آئين جي طرفان ڏنل 15 سال رعايت ختم صوبي جي پڙهيل، لکيل، گريجوئيٽ، ماسٽرس ۽ پي ايڇ ڊي جي ڊگري رکندڙ شاگردن کي عمر جي رعايت وٺڻ لاءِ رستن تي اچڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي ۽ ساڳئي وقت سنڌ اسيمبلي ۽ ڪابينه ۾ ڪيترائي نان گريجوئيٽس ايم پي ايز ۽ وزير آهن، ان کان علاوه شاگردن گڏيل ڇتا پيٽي سال 2022 ۾ وارو امتحان رد ڪرڻ ۽ عمر ۾ 35 سالن جي واڌ نه ڏيڻ خلاف آواز اٿاريو هنن صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي عمر جي حد ۾ 15 سالن جي رعايت ڏيڻ سان گڏ 5 کان 15 گريڊ وارين نوڪرين جا انٽرويو وٺي سنڌ جي نوجوانن سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 03

باڊي سرپرست اعليٰ محمد شريف لاشاري جي اڳواڻي ۾ اتفاق راءِ سان چونڊ وئي جنهن ۾ غلام قادر پنهور صدر فهد مصطفيٰ جوکيو جنرل سيڪريٽري سينئر نائب صدر خالد عزيز جتوئي نائب صدر امجد ڀٽي جوائنٽ سيڪريٽري فيض محمد ڍيئر فنانس سيڪريٽري سجاد علي سومرو آفيس سيڪريٽري اڪبر جت چونڊيا ويا جڏهن ته ورڪنگ ڪميٽي محمد سليمان جوکيو، محمد عظير بگهيو، آصف جوکيو، مخدوم عابد، محمد اشرف راجپوت، ڊاڪٽر توهڻ شرما، شهزاد تولي، حماد راجپوت چونڊيا ويا.

بقايا 04

ڪيو وين نياڻي جي لاپتا ٿيڻ جو ٽنڊوڄام ٿاڻي تي نياڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي وئي آهي، پر جاٿايل پوليس بااثر ماڻهن جي ساٿاري بڻيل آهي. اٺ ڏينهن گذرڻ باوجود نياڻي ۽ سندس ٽن ٻارڙن جو ڪٿي به ڏس پتو نه پيو، شڪ آهي ته نياڻي کي قتل ڪيو ويو آهي. خبر موجب اوڏيرولال لڳ ڳوٺ شير محمد نوڙها جي رهواسين عورتن ۽ مردن صابر خاصخيلي، مسمات جنت، محمد خاصخيلي، مسمات قربانو خاصخيلي احتجاج ڪندي الزام هنيو آهي ته سندن نياڻي ثمرين ۽ سندس 3 ٻارن کي ٽنڊي ڄام جي ڳوٺ جان محمد خاصخيلي جي رهواسي مڙس جمن عرف جمعو خاصخيلي سندس سس ۽ ٻين مبينا طور گم ڪري ڇڏيو آهي. ٽنڊوڄام جي ٿاڻي تي نياڻي جي مڙس خلاف اين سي پڻ داخل ڪرائي آهي پر اڃا پوليس تائين ڪوبه ٻوٽو نه ٻاريو آهي. اسان جي نياڻي تي سندس مڙس جمن هر روز تشدد ڪندو هو جنهن جون شڪايتون بااثرن کي به ڏنيون آهن پر ڪير به ٻڌڻ وارو ناهي. بااثر منير خاصخيلي، اسلم خاصخيلي، جمن عرف جمعو خاصخيلي جا ساٿاري بڻيل آهن اسان جي نياڻي هڪ هفتي کان اسان سان رابطي ۾ ناهي اسان کي خدشو آهي ته ان کي سندس مڙس ۽ ٻين ماري گم ڪري ڇڏيو آهي. هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد کان مطالبو ڪيو آهي ته جمن عرف جمعو خاصخيلي خلاف ڪارروائي ڪري سندن نياڻي کي ظاهر ڪيو وڃي.

بقايا 05

لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي نوشهروفيروز ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ، ميونسپل ڪميٽي مورو ۽ ٻين ٽائون ڪميٽين جي نمائندن شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز لياقت علي بلوچ چيو ته ضلعي مان چائلڊ ليبر جي خاتمي لاءِ مڪاني ادارن جا چونڊيل نمائندا ضلعي انتظاميا سان سهڪار ڪن ۽ ان جي تعليم ۽ تربيت دوران جبري مزدوري جي خاتمي لاءِ قدم کنيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ميونسپل ۽ ٽائون ڪميٽين پاران اسڪول کان ٻاهر ٻارن کي ٻيهر اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ مهم شروع ڪئي وڃي. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ضلعي جي ٽيڪنيڪل تعليمي ادارن ۾ ٻارن جي بهتر تعليم ۽ تربيت لاءِ گڏيل ڪوشش جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ چونڊيل نمائندن کي پڻ صلاح ڏني ته هو راندين جا مقابلا ڪرائڻ ۽ نوجوانن لاءِ هاڪاري سرگرمين کي هٿي وٺرائن. ان موقعي تي ميونسپل ڪميٽي مورو ۽ نوشهروفيروز کان علاوه سمورن ٽائون ڪميٽين جي چيئرمينن ڀرپور تعاون جو يقين ڏياريو ۽ چائلڊ ليبر جي خاتمي لاءِ پنهنجون تجويزون پڻ پيش ڪيون.

بقايا 06

آءِ ايم ايف جي ايجنڊا تي هلي عوام دشمن معاشي پاليسيون جوڙي مهانگائي جا طوفان برپا ڪري رهي آهي، اسان کي به سڀ کان پهرين پنهنجي خودمختياري، پنهنجا مفاد، پنهنجا ماڻهو ۽ انهن جي خوشحالي، پنهنجي معيشت عزيز هجڻ گهرجي پر افسوس جيڪي به حڪمران اچن ٿا اهي ٻاهرين ڊڪٽيشنز تي هلي ملڪ کي غلام بنائي ڇڏين ٿا. اياز لطيف پليجي چيو ته آءِ ايم ايف جا مفاد اسان جي معيشت جي چيلهه ڀڃي رهيا آهن. اسان کي پنهنجي آزاد خودمختيار پاليسيون جوڙي اڳتي وڌڻو پوندو، ٻاهرين ڊڪٽيشن کي جيئن جو تيئن قبول ڪرڻ سان اسين ٻين ملڪن کان پوئتي آهيون سنڌ جي زرعي معيشت جي تباهي جي ذميوار وفاق ۽ سنڌ حڪومت آهي. زرعي معيشت جي تباهي جي ڪري لکين خاندان غربت ۽ بيروزگاري جو شڪار آهن. سنڌ جي آبادگارن مٿان ناجائز زرعي ٽيڪس جو بار وڌو ويو آهي. اياز لطيف پليجي چيو ته ملڪ کي ٻاهرين ڊڪٽيشن تي هلائڻ ڪري اسان جون پاليسيون آزاد، خودمختيار ۽ عوام دوست ناهن. آءِ ايم ايف پنهنجن مفادن وارين پاليسيون جوڙين ٿا ۽ پاڪستان کي بحرانن جي کن ۾ اڇلائي رهيا آهن.

بقايا 07

ڏيڻ ۽ انتظاميا ڪمپني آڏو ٻيوس هجڻ خلاف ڳوٺ صديق جمالي جي رهواسين پنهنجن ٻارن کي پوليو پيارڻ جو بائيڪاٽ ڪندي دادو پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو ان موقعي تي ڳوٺاڻن صديق جمالي، محمد جمالي، عمر جمالي ۽ ٻين چيو ته او پي ايل تيل ڪمپني گذريل 9 سالن کان زمين تي قبضو ڪري ويٺل آهي معاوضو نه پيو ڏنو وڃي مسلسل ڊي سي دادو سميت ضلعي انتظاميا ۽ وس وارن کي لکت ۾ شڪايتون ڪيون آهن پر ڪوبه ٻڌڻ وارو ناهي، جنهن سبب کين پوليو جو بائيڪاٽ ڪيو آهي. هنن چيو ته زمينون ليز تي ڪمپني ورتيون هيون جنهن جو هر مهيني ڪرائي جي مد ۾ رقم ڏيڻي هئي پر بااثر انتظاميا معاوضو ڏيڻ بدران ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهي آهي. هنن وس وارن کان مطالبو ڪندي چيو ته زمين جو معاوضو ڏياريو وڃي ٻي صورت ۾ هو پنهنجن ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو بائيڪاٽ جاري رکندا.

بقايا 08

حسين عليہ السلام جن جي آمد جي خوشي ۾ پروگرام ڪيو ويو. پروگرام جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ٿي گذري. ڪمپيئرنگ: محمد آصف طاهري ڪئي. تلاوت شمس الدين پنهور طاهري ڪئي. نعت شريف: فقير محمد يوسف پنهور طاهري جن پڙهي. مولا امام حسين عليہ السلام جن جي شان ۾ منقبت مسرور علي جن پڙهي. حضور قبلاعالم محبوب سڄڻ سائين جن شان ۾ منقبت محمد يوسف طاهري جن پڙهي. جشن ولادت بسعادت مولا امام حسين عليہ السلام جن جي ولادت جو ڏهاڙو به وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو امام حسين عليہ السلام جن آمد جو ڪيڪ ڪٽيو ويو سبيل چانهه جو پڻ بندوبست ڪيو ويو هيو پوري جماعت مولا جي آمد جا نارا لڳايان ويا حضور قبلا عالم محبوب سڄڻ سائين جن جي شان اقدس ۾ منقبت فقير محمد يوسف پنهور طاهري جن پڙهي. بعد ۾ برانچ جي عهديدارن جماعت سان گڏجي آخر ۾ دعا خير گهري وئي

بقايا 09

هڪ سياسي ڌر جا اڳواڻ قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، مختلف حربا استعمال ڪندي ڪڏهن پوليس چڙهائي ڪري زمين تي قبضو ڪرڻ گهرن ٿا ته وري ڪڏهن ڪوڙا ڪيس ڪري هيسائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، مون هي زمين خريد ڪئي هئي جنهنجو کاتو پڻ موجود آهي، عدالت پاران پڻ ڪيسن جا فيصلا منهنجي حق ۾ آيا آهن ان باوجود سياسي ڌر جا اڳواڻ منهنجي زمين ڦٻائڻ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن. هن چيو ته 2008 ۾ هائي ڪورٽ پاران پڻ فيصلو منهنجي حق ۾ آيل آهي، مختيارڪار سميت ٻين روينيو آفيسرن پاران پڻ معزز عدالت ۾ رپورٽ منهنجي حق ۾ ڏنل آهي، ذاتي دشمني ڪري منهنجي خلاف رڻ ٻاريو ويو آهي جيڪڏهن مون مٿان يا منهنجي خاندان مٿان ڪو حملو ٿيو ته ان جا ذميوار ڄاڻايل ذميوار هوندا. هن مطالبو ڪيو ته منهنجي زمين مٿان قبضو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي. ان موقعي تي آل جتوئي بلوچ ويلفيئر ايسوسيئيشن پاڪستان جو مرڪزي نائب صدر احسان الله جتوئي، عامر جتوئي، تحريڪ لبيڪ پاڪستان جو اڳواڻ سيد فاضل شاهه ايڊوڪيٽ ضمير احمد جتوئي، ايڊوڪيٽ سردار احمد ڪوسو ۽ ٻيا پڻ ساڻس گڏ هئا.

بقايا 10

ٽائون شاهه رخ انور سيال طرفان منعقد ڪيل اسپورٽس ويڪ جي ڪال ٽين ڏينهن شهر جي کهڙا ڪامپليڪس مختلف اسڪولن ۽ ڪاليجن گرلز ڊگري ڪاليج، بيگم نصرت ڀٽو گرلز ڊگري ڪاليج، زيبسٽ، انڊس ڪاليج سميت ٻين ادارن جي شاگرديائين وچ ۾ شاندار مقابلا ٿي گذريا، جنهن ۾ روايتي رانديون بيڊمنٽن، ٽيبل ٽينس ۽ ونجهه وٽي جا مقابلا خاص توجهه جو مرڪز بڻيا، جڏهن ته مقابلا ڏسڻ لاءِ وڏي انگ ۾ شاگرديائين، استادن ۽ شهرين شرڪت ڪئي، جن رانديگرن جي حوصلا افزائي ڪئي ۽ لاڙڪاڻو فيسٽيول جي هن ايونٽ کي عورتن جي راندين جي فروغ لاءِ هڪ مثبت قدم قرار ڏنو ويو.

بقايا 11

مختلف هنڌن تي چڙهائي ڪري 10 ڄڻا گرفتار ڪري ورتا آهن. ٻارنهن ورهين جو سونو چانڊيو 26 ڊسمبر تي ڳوٺ عبدالله چاوڙو مان گم ٿيو ۽ 31 ڊسمبر تي ساڳئي علائقي مان سندس لاش خالي پيل پلاٽ ۾ بيٺل ڪٻڙ هيٺيان هٿ آيو هو جامشورو پوليس گذريل شام سندس والد حاجي چانڊيو جي فرياد تي اڻڄاتل جوابدارن خلاف قتل جو ڪيس داخل ڪيو. ڪيس داخل ٿيڻ ڪانپوءِ پوليس رات دير سان 10 ڄڻن کي گرفتار ڪري اڻڄاتل هنڌ منتقل ڪري ڇڏيو ان سلسلي ۾ جامشورو پوليس جو چوڻ آهي ته سونو چانڊيو واري معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون، ڪيس جي سلسلي ۾ پڇا ڳاڇا لاءِ ڪجهه ماڻهن کي حراست ۾ ورتو ويو آهي، ڪنهن سان به ناانصافي نه ڪبي، مقتول جي وارثن کي انصاف ملندو.

بقايا 12

نوجوان ڪراچي کان لاهور ويندڙ فريد ايڪسپريس ٽرين هيٺيان اچي چيپاٽجي فوت ٿي ويو اطلاع تي پوليس پهچي فوتي نوجوان جو لاش کڻائي اسپتال پهچايو فوتي جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو خبر موجب ڏهرڪي شهر جي سانڪو ڦاٽڪ وٽ ڪراچي کان لاهور ويندڙ فريد ايڪسپريس ريل گاڏي هيٺان اچي مائٽن وٽ ملڻ لاءِ آيل ڪنڌڪوٽ واسي 25 سالا نوجوان رتن ڪمار مينگهواڙ چيپاٽجي فوت ٿي ويو جنهن بعد اطلاع تي ريلوي ۽ ڏهرڪي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي نوجوان جو لاش کڻائي سرڪاري اسپتال منتقل ڪيو جتي اسپتال انتظاميه ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو جنهن بعد فوتي نوجوان جو لاش گهر پهچڻ تي سندس گهر ۾ ڪهرام مچي ويو هوڏانهن معلوم ٿيو آهي ته نوجوان گذريل ڏينهن ڪنڌڪوٽ کان ڏهرڪي پنهنجي مائٽن وٽ ملڻ آيو ته هن ريل گاڏي هيٺيان پاڻ اچي زندگي جو انت آندو آهي.

بقايا 13

به مختلف کاتن جي ملازمن پاران پينشن ۽ فوتي ڪوٽا ختم ڪرڻ خلاف هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي مظاهرو ڪري دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هنيو ان موقعي تي اڳواڻن علي اڪبر سولنگي، طاهر سولنگي، قاسم پريو ۽ ٻين چيو ته حڪومت پينشن رول تبديل ڪري سرڪاري ملازمن جو معاشي قتل ڪيو آهي مختلف کاتن ۾ ڊيوٽي دوران ملازم فوت ٿيا انهن جي اولاد کي سن ڪوٽا تحت ملندڙ نوڪري به ختم ڪئي وئي آهي جنهن سان ملازمن جو اولاد بيروزگار بڻجي وڃي ٿو هنن چيو ته سنڌ حڪومت توڙي وفاقي حڪومت ملازمن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي، هنن چيو ته پاڪستان ورڪرز فيڊريشن پاران ڏنل چارٽر آف ڊمانڊ تي عمل نه ٿيو ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 14

لکت ۾ معاهدو ڪري ڇڏيو تفصيل موجب، هي معاهدو حيدرآباد جي تاريخي منشي هائوس تي ٿيل هڪ گڏجاڻي دوران طئي ڪيو ويو جتي ٻنهي تنظيمن جي اهم نمائندن شرڪت ڪئي. معاهدي تي جستجو فاؤنڊيشن جي چيئرپرسن صدف وڙائچ ۽ ايڪٽو وومين فاؤنڊيشن جي چيئرپرسن نازش فاطمه صحيحون ڪيون. تقريب ۾ جستجو فاؤنڊيشن جي سي او بهزاد بشير ميمڻ، عبدالوهاب منشي، عبدالغفور سروهي ۽ ايڪٽو وومين فاؤنڊيشن جي ٻين عهديدارن شرڪت ڪئي. تقريب دوران ٻنهي تنظيمن جي اڳواڻن پنهنجي عزم جو اظهار ڪندي چيو ته هي معاهدو سماجي ڀلائي جي ميدان ۾ هڪ نئين باب جو آغاز ثابت ٿيندو. جنهن تحت تعليم، صحت، ۽ عورتن جي ڀلائي لاءِ گڏيل منصوبا شروع ڪيا ويندا. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ منشي هائوس تي ٻنهي تنظيمن وچ ۾ تعاون تي اصولي اتفاق ٿيو هو جنهن تي اڄ عملي قدم کنيو ويو. تقريب جي آخر ۾، صدف وڙائچ ۽ نازش فاطمه گڏيل تعاون تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي ان عزم کي ورجايو ته سندن گڏيل ڪوششون سڄي ملڪ ۾ مثبت تبديلي آڻڻ لاءِ اهم ڪردار ادا ڪنديون.

بقايا 15

ايس ايڇ او ڪنڊيارو کي حڪم ڏيندي چيو ته جوابدار ڌر کي عدالت ۾ پيش ڪيو وڃي. عدالت ايس پي نوشهروفيروز کي درخواستگذار کي تحفظ ڏيڻ جو به حڪم ڏنو عدالت ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي وڪيل اسد الله ٻرڙو چيو ته ڪجهه مهينا اڳ مسمات بينظير ڀٽي سان شادي ڪئي هئي جنهن ڪانپوءِ سندس اڳوڻو مڙس محمود گانگهرو ۽ ان جا ساٿاري بلاجواز پئسن جي گهر ڪري رهيا آهن ۽ ڳرا نتيجا ڀوڳڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. بينظير ڀٽي چيو ته اڳوڻي مڙس محمود گهانگهرو جي زيادتين کان تنگ اچي هن کانئنس طلاق ورتي هئي، جنهن بعد پنهنجي مرضيءَ مطابق هن شادي ڪئي آهي ته اڳوڻو مڙس مونکي حراسان ڪري رهيو آهي. هن عدالت کان استدعا ڪندي چيو ته جوابدار خلاف ڪارروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 16

قريشي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته خيرپور جي سولر اسٽريٽ لائيٽ لڳائڻ واري منصوبي ۾ قمرالدين اينڊ ڪو ڪمپني سان 2017 ۾ ٿرڊ پارٽي جي مد ۾ مون سان هڪ معاهدو ٿيو هو. 2017 کان 2025 تائين 75 فيصد سولر پراجيڪٽ جو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي جنهن ۾ سست رفتاري جو سبب به قمرالدين اينڊ ڪمپني آهي سولر پروجيڪٽ جي بلن جي ادائگي سرڪار پاران قمرالدين ڪمپني کي ڪئي آهي ، منير حسين قريشي چيو ته قمرالدين اينڊ ڪو ڪمپني ڏي منهنجا سوا ٻه ڪروڙ رپيا رهتو آهن جنهن ۾ قمرالدين ڪمپني مون کي ڪجهه رقم جا جعلي چيڪ ڏنا جيڪي پاس ناهن ٿيا. هن چيو ته رهتو سوا ٻه ڪروڙ رپيا گهرڻ تي قمرالدين ڪمپني جا اونر ضمير شيخ، غلام مرضي، شعب شيخ ۽ ٻيا سخت نتيجا ڀوڳڻ ۽ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. منير قريشي چيو ته قمرالدين اينڊ ڪمپني کان رهتو بل سوا ٻه ڪروڙ رپيا ادائگي ڪرائي وڃي ، ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 17

هڪ پروگرام منعقد ٿي گذريو پروگرام جي صدارت ٽرسٽ جي چيئرمين مخدوم نديم احمد هاشمي ڪئي، آيل مهمانن کي مخدوم نديم احمد هاشمي پليڪارڊ ڪيو ۽ سنڌ جي ثقافت اجرڪن جا تحفا ڏنا ويا، انهيءَ موقعي تي پروفيسر ڊاڪٽر زاهد حسين ڪنڊ، ڊاڪٽر پير سهيل سرهندي، شائق شاهه بخشل خان جوکيو، سجاد مستوئي، پير توقير جان سرهندي، پير فرحان علي سرهندي شرڪت ڪئي، هن چيو ته اڄڪلهه جي اسٽوڊنٽس کي محنت ڪرڻ گهرجي اهو نه سوچيو ته اوهان ڪجهه نٿا ڪري سگهو. هن وقت ڪامپيٽيشن جو دؤر آهي، اوهان کي پنهنجو پاڻ کي اسڪل فل ڪرڻو آ اسان کي هر وقت جدوجهد ڪرڻي آهي، پنهنجو پاڻ کي اسڪل فل ڪرڻ جي لاءِ هاڻي روزاڻو تيزي سان نوان اسڪلس اچي رهيا آهن. جڏهن کان موبائيل فون آئي آهي، اوهان اندازو نٿا ڪري سگهو ته هر 24 ڪلاڪن کان پوءِ نئين چيز اچي رهي آهي اسان کي ان لاءِ تيار به رهڻو آهي ان جو پازيٽو استعمال سگهو آهي، هي موبائيل فون غنيمت به آهي جنهن اسان کي دنيا سان ڪنيڪٽ ڪري ڇڏيو آهي، ان مان اوهان ارننگ به ڪري سگهو ٿا. مخدوم نديم احمد هاشمي ڳالهائيندي چيو ته اسان جا جيڪي مذاهب آهن سڀ پيار محبت ۽ امن جو درس ڏئي رهيا آهن اهوئي اگر درس اسان جو نوجوان نسلن تائين، معاشري تائين ڦهلجندو ته هتي جيڪي مختلف دهشتگردن جون ڪارروايون ٿي رهيون آهن پوري ملڪ جي اندر انهن دهشتگردن کي مات ملندي اسان جي نوجوان نسلن ۾ اهو پيغام ويندو ته اسان کي پڙهيو لکيو ٿي ڪري هن قوم جي لاءِ پنهنجو، پنهنجي خاندان جي لاءِ اسان کي خدمتون سرانجام ڏيڻيون آهن ان جي لاءِ اسان هي پروگرام مخدوم عبدالرحمان شهيد ٽرسٽ ۽ اروڙ يونيورسٽي جي تعاون سان انشاء الله اسان ڪرائيندا رهنداسين ٻيا ٻه وڌيڪ پروگرام اسان اروڙ يونيورسٽي کان اير يوسائڻ ڪري توهان کي هتي اسڪل ڪولي ڏينداسين ڏجيئن توهان اهي اسڪل سکي ڪري پنهنجن پيرن تي بيهي ڪري قوم ۽ ملڪ جي خدمت ڪيو آخر ۾ بهترين ڪارڪردگي تي شيلڊون ۽ انعام ڏنا ويا.

بقايا 18

بدلي تي ڳالهائڻ چاهيان ٿو، اسلام آباد وفاق جي علامت آهي، اسان کي اسڪول موڪليو ويندو آهي ته توهان جينٽل مين بڻجي اچو هن چيو ته مان چوججن جي بدلي تي راضي ٿيس، ٽرانسفر آئين تحت ٿيو هڪ بلوچي ڳالهائيندڙ جج آيو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ جج آيو وفاق سڄي ملڪ جو آهي، آرٽيڪل 200 تحت اهو سٺو قدم آهي، ٻين صوبن مان وڌيڪ جج به اچڻ گهرجن. سندس چوڻ هو ته مان چيف جسٽس آهيان ۽ سڀني ججن سان ڳالهائيندس، وقت لڳندو سڀ ڪجهه ٺيڪ ٿي ويندو.

بقايا 19

ڏوگر ۽ جسٽس خادم حسين سومرو جي عدالت ۾ صرف لا آفيسر پيش ٿيا جڏهن ته لاهور هاءِ ڪورٽ کان ايندڙ جسٽس سرفراز ڏوگر 3 ڪيسز جي ٻڌڻي ڪئي، ڊپٽي اٽارني جنرل ۽ ايڊيشنل اٽارني جنرل ججز کي پليڪار ڇيو صوبن کان 3 ججز جا اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ٿيڻ تي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي اپيل تي وڪيلن طرفان جزوي هڙتال ڪئي وئي، مختلف ڪيسز ۾ وڪيل پيش نه ٿيا، ٻئي پاسي لاهور هاءِ ڪورٽ بار ججز جي ٽرانسفر واري نوٽيفڪيشن کي رد ڪيو ويو ۽ بار جي عهديدارن جو چوڻ آهي ته خوفزده ٿي هڪ نه 3 ججز جو ٽرانسفر ڪيو ويو، پنهنجي مرضي جا ججز شامل ڪيا ويا آهن، لاهور هاءِ ڪورٽ بار جي عهديدارن جو چوڻ هو ته جج صاحبان قدم کنيو ته انهن جي دقعت ختم ٿي ويندي. ٽن ججز جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ منتقلي جو نوٽيفڪيشن فوري طور واپس ورتو وڃي، وائس چيئرمين پنجاب بار ڪونسل عرفان تارڙ ۽ چيئرمين ايگزيڪٽو ڪميٽي فاروق ڏوگر ججز جي بدلي جي فيصلي جي تعريف ڪندي چيو ته ٻين صوبن کان اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بدلي وفاقي ڪردار جي بحالي طرف هڪ اهم قدم آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ ٽرانسفر ڪيل سمورا جج قابل احترام آهن، قدم جي خلاف منفي تبصرو يا مزاحمت وفاقيت جي اصولن کي مجروح ڪندي

بقايا 20

آهي ته پيڪا ايڪٽ جو مقصد ڪوڙين خبرن جو خاتمو ۽ سوشل ميڊيا جي خطرن جو تدارڪ ڪرڻ آهي. لاهور ۾ اي پي پي ايمپلائيز يونين پنجاب جي حلف برداري تقريب ۾ خطاب ڪندي اطلاعات واري وزير عطاالله تارڙ چيو ته پيڪا ايڪٽ ۾ دنيا جي بهترين طريقن جي چونڊ ڪئي وئي آهي، سوشل ميڊيا جي خطرن کي روڪڻ جي لاءِ اهو هڪ سٺو قدم آهي، پيڪا ايڪٽ جو مقصد ڪوڙين خبرن جو خاتمو ۽ سوشل ميڊيا جي خطرن جو تدارڪ ڪرڻ آهي، عطاالله تارڙ وڌيڪ چيو ته صحافت جي آڙ ۾ سوشل ميڊيا کي آزاد نٿو ڇڏي سگهجي، انهي ايڪٽ ۾ ڪابه تڪراري شق آهي ته سامهون آندي وڃي اسان انهي تي ڳالهين جي لاءِ تيار آهيون. جلد ڊيجيٽل ميڊيا پروٽيڪشن اٿارٽي ۾ نجي شعبي مان نامزدگيون ڪيون وينديون. پريس ڪلب يا صحافي تنظيمن سان جڙيل صحافين کي انهي ۾ شامل ڪيو ويندو اطلاعات واري وزير وڌيڪ چيو ته ادارن جا ملازم قومي اثاثو آهن. ملازمن جي محنت لگن ۽ مهارتون ئي ادا جي ڪاميابي جون بنياد هونديون آهن. ڪرپشن ادارن کي برداشت نه ڪرڻ جوڳو نقصان پهچايو حڪومت ادارن جي بهتري ۽ انهي کي منافعي بخش بنائڻ جي لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻي رهيا آهن. اطلاعات واري وزارت جي ماتحت ادارن کي منافعي بخش بنائڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن صحافين کي پيش ايندڙ مسئلن جو حل اولين ترجيح آهي. هن چيو ته پي ٽي وي، ريڊيو پاڪستان ۽ اي پي پي قومي ادارا آهن جيڪي عوام کي ڄاڻ جي فراهمي لاءِ بنيادي ذميوارين سان گڏوگڏ ملڪي نظرياتي سرحدن جا محافظ به آهن. موجوده جديد دور ٽيڪنالاجي جو دور آهي. اسان کي دنيا جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ جديد ٽيڪنالاجي کي اوليت ڏيڻي پوندي.

بقايا 21

وڌيڪ 200 رپيا اضافو ٿي ويو. جنهن ڪانپوءِ في تولي سون جي قيمت 2 لک 92 هزار 400 رپيا ٿي وئي آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ سون جي قيمتن ۾ اضافي سان گڏ ملڪ ۾ به سون جي قيمتن ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ في اونس سون جي قيمت 2800 ڊالر رڪارڊ ڪئي وئي، جڏهن ته پاڪستان ۾ في تولي جي قيمت 200 رپيا اضافي ڪانپوءِ 2 لک 92 هزار 400 رپيا ٿي وئي آهي. اهڙي ريت 10 گرام سون جي قيمت 172 رپيا اضافي ڪانپوءِ 2 لک 50 هزار 685 رپيا ٿي وئي آهي.

بقايا 22

سموري سنڌ کي بنجر بنايو پيو وڃي سنڌ جي وسيلن جي مالڪي ڪرڻي پوندي سنڌي سجاڳ ٿين هنن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ جي ماڻهن جي مالڪي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي وئي آهي فوري طور تي سنڌو مٿان ڪئنالن وارا منصوبا رد ڪيا وڃن هنن سموري سنڌي قوم کي اپيل ٿا ڪيون ته 23 فيبروري تي ڪراچي ۾ گڏ ٿي سنڌو درياءَ مٿان ڪئنال ڪڍڻ وارا منصوبا رد ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي پڌي جو ثبوت ڏين جڏهن ته جسقم آريسر جو پيادل مارچ نوشهروفيروز ۽ مورو طرف روان دوان ٿي ويو

بقايا 23

وهاب شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ جي لاءِ هڪ ٻيو اهم قدم کڻندي واٽر ڪارپوريشن جي خاص رعايتي پاليسي ۾ وڌيڪ ٽن مهينن جي واڌ جي منظوري ڏيئي ڇڏي جنهن ڪانپوءِ واٽر ڪارپوريشن پنهنجي سمورن رهائشي صارفين جي بلن جي بقايائن جي ادائيگي لاءِ رعايتي اسڪيم کي 3 مهينن جي وڌيڪ عرصي جي لاءِ 30 اپريل 2025 تائين واڌارو ڪري ڇڏيو ان حوالي سان ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب جو چوڻ هو ته رعايتي پاليسي جو بنيادي مقصد شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ آهي چاڪاڻ ته پاليسي جي تحت شهرين کي آسان قسطن ۾ واٽر ڪارپوريشن جون بقايائون جمع ڪرائڻ جو موقعو ملندو هن شهرين کي درخواست ڪندي چيو ته اهي هن مهم مان ڀرپور فائدو وٺندي واٽر ڪارپوريشن جون بقايائون بروقت ادا ڪن جنهن سان واٽر ڪارپوريشن جي آمدني ۾ اضافو ٿيڻ جي صورت ۾ شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪيون وينديون هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي ۽ ان ڏس ۾ سنڌ حڪومت پاران ڀرپور قدم کنيا پيا وڃن ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب ميئر ڪراچي جي هدايتن تحت واٽر ڪارپوريشن پنهنجي سمورن رهائشي صارفين کي بهتر سهولت فراهم ڪرڻ جي لاءِ رعايتي پاليسي جي مدي کي وڌايو آهي چاڪاڻ ته هن رعايتي پاليسي تحت واٽر ڪارپوريشن جي انهن سمورن رهائشي صارفين کي فائدو ٿيندو جن اڃا تائين واٽر ڪارپوريشن جون بقايائون ادا نه ڪيون آهن جڏهن ته پاليسي جي تحت سمورن رهائشي صارفين کي سندن بقايائون ادا ڪرائڻ لاءِ رعايت سان گڏوگڏ آسان قسطن جي سهولت پڻ فراهم ڪئي ويندي ۽ سمورا رهائشي صارفين اگر پنهنجون سموريون بقايائون يڪمشت ادا ڪندا ته انهن کي 35 سيڪڙو 6 مهينن اندر ادائيگيون ڪرڻ واري کي 25 سيڪڙو 9 مهينن ۾ 20 سيڪڙو هڪ سال ۾ 15 سيڪڙو ۽ 15 مهينن ۾ پنهنجي بقايائون جمع ڪرائڻ واري کي 10 سيڪڙو رعايت ڏني ويندي انڪري عوام کي گذارش آهي ته هن رعايتي پاليسي مان وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪن چاڪاڻ ته مقرر تاريخ ڪانپوءِ بقايائون ادا نه ڪندڙن جي خلاف واٽر ڪارپوريشن جي نئين ايڪٽ جي سيڪشن 40 تحت سخت ڪارروائيون ڪيون وينديون

بقايا 24

ٽرانسفر خلاف ڪراچي بار پاران جنرل باڊي اجلاس سڏايو ويو، اجلاس کي خطاب ڪندي ڪراچي بار جي صدر نواز وڙائچ، رحمان ڪورائي، رحمت پتافي، ابراهيم سيف الدين، بيرسٽر ارشد شر مقصود عالم سميت ٻين وڪيل اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته غير قانوني طور مختلف صوبن مان ججن جي ٽرانسفر ڪري اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ مقرر ڪيو ويو آهي، اسان 22 ڪروڙ عوام، هاري ۽ مزدورن جي ڳالهه ڪريون ٿا، جبر ۽ ظلم جي جنگ هزارين سالن کان جاري آهي، هر دور ۾ جابر ۽ ظالم کي شڪست ئي ملي آهي، حق ۽ سچ پوري ڪائنات ۾ گڏ هوندا آهن. هنن چيو ته اڄ اسان عوام جي جنگ وڙهي رهيا آهيون، عدليا جي آزادي تي مسلسل حملا ٿي رهيا آهن. 35 سالن کان پوءِ هنن کي ياد آيو ته جهانگيري صاحب جي ڊگري جعلي آهي، 26 هين آئيني ترميم راتو رات پاس ڪرائي وئي، 26 ترميم ۾ عدليا جو نقشو ئي تبدل ڪيو ويو آهي، وڪيلن چيو ته عدليا کي ڪنٽرول ڪرڻ جون سازشون ڪيون پيون وڃن پيڪا ايڪٽ تحت صحافين جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته اسان هميشه ٻڌندا آهيون ته سپريميسي صرف پارليامينٽ جي هوندي آهي، 26 هين آئيني ترميم آئين خلاف آهي، ساڳي طرح پيڪا ايڪٽ به غير قانوني آهي، ججن جي ٽرانسفر جو مطلب من پسند فيصلا وٺي سگهجن، 26 هين ترميم ذريعي عدليا تي هڪ وڏو داغ لڳايو ويو آهي، ڪو به جج سياسي پشت پناهي کان سواءِ مقرر ناهي ٿيو وڪيلن کي آزاد ٿيڻو پوندو لسٽن ۾ نالا شامل ڪرائڻ کان آزاد ٿيڻو پوندو، اسان جا ليڊر جمهوري ناهن، سسٽم ڪمپرومائيز ٿي چڪو آهي، عوام کي خوف ۾ وجهي حڪمران حڪومت ڪري رهيا آهن. هاڻ مصلحتن سان ڪم نه هلندو، روڊن تي اچڻو پوندو، هنن چيو ته چولستان ۾ عربن جي عياشي لاءِ سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍي سنڌ جي 5 ڪروڙ عوام کي پاڻي ڊڪ لاءِ ترسائڻ جو منصوبو جوڙيو ويو آهي، حڪومتن جا اهڙا فيصلا ڪنهن به صورت قبول نه ڪنداسين

بقايا 25

اڱاري ۽ اربع تي رات جو ٿڌ جي شدت ۾ معمولي واڌ جو امڪان آهي، ان دوران پارو 12 کان 10 ڊگري تائين وڃي سگهي ٿو سندس چوڻ هو ته رمضان جي شروعاتي ڏينهن ۾ موسم بهتر رهڻ جو امڪان آهي، ڏينهن جو موسم ڪجهه گرم ۽ رات جو سامونڊي هوا سبب موسم بهتر رهندي، رمضان جي آخري ڏهاڪي ۾ موسم ڪجهه گرم رهي سگهي ٿي. سردار سرفراز ٻڌايو ته 20 مارچ کان گرمي جي شدت ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي.

بقايا 26

جي تهذيب، موهن جو دڙو، تعليم سميت مختلف موضوعن تي لکيل سمبارا مئگزين جي مهورتي تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ مهمان خاص پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر ايم پي اي نثار احمد کهڙو، ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو، اسڪول ۾ رضاڪارانه طور مفت پڙهائيندڙ اڳوڻي وي سي ۽ ڪاموري ڊاڪٽر فيض الله عباسي، آمريڪا مان کهي آيل ڊاڪٽر اعجاز علي ترڪ، ڊائريڪٽر سيڪنڊري ايجوڪيشن لاڙڪاڻو سيد صفدر علي شاهه، ڊي او سيڪنڊري گلبهار مگسي، ڊي اي او پرائمري لاڙڪاڻو انيس الرحمان جلباڻي، اسڪول جي هيڊمسٽريس اقبال بيگم ميمڻ، فيميل ٽيچرس قرت العين، شاگرديائين ۽ سندس مائرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، تقريب ۾ شاگرديائين طرفان چئني صوبن جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ سميت عورت قومي هيروز فاطمه جناح، شهيد محترمه بينظير ڀٽو، ملاله يوسفزئي، آصفه ڀٽو زرداري، بي امان، مدر ٽريسا سميت ٻين عورتن کي پيتا پيش ڪندي ٽيبلوز پيش ڪرڻ سان گڏ پاڪستان جي سالميت، قومي يڪجهتي، تعليم، معاشي بدحالي سميت ٻين موضوعن تي تقريرون ڪيون جنهن تي ويٺل ماڻهن تاڙيون وڄائي شاگرديائين جي زبردست حوصلا افزائي پڻ ڪئي، تقريب کي خطاب ڪندي پ پ پ سنڌ جي صدر نثار کهڙو چيو ته هن اسڪول جي ٻارن کي ٽيبلوز پيش ڪندي ۽ انگريزي ٻوليءَ ۾ تقريرون ڪندي ڏاڍي خوشي ٿي آهي، مان ڊاڪٽر فيض الله عباسي کي چوندس ته هو پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي اسڪولن کي به ايڊاپٽ ڪري ته جيئن انهن اسڪولن جي ٻارن کي به جديد تعليم ملي سگهي. هن چيو ته يونيورسٽين جي انتظاميه کي گهرجي ته ڪارپوريٽ سيڪٽر وارن کي گهرائڻ گهرجي ته جيئن يونيورسٽين جا گريجوئيٽ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪري ڪارپوريٽ سيڪٽر ۾ ملازمتون حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته نثار صديقي ننڍي ڪلاس روم کان آءِ بي اي جي شروعات ڪئي جيڪا هاڻي بين الاقوامي يونيورسٽي جو درجو ماڻي چڪي آهي چاڪاڻ يونيورسٽيون پوري دنيا ۾ مقابلي جا موقعا فراهم ڪندا آهن. هن چيو ته ميروخان واسي ڊاڪٽر جاويد تونيو هن وقت آمريڪا ۾ مشهور ڪارڊيولاجسٽ آهي ان کان علاوه دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهڙا ڪوڙا سارا ماهر موجود آهن. اسان جي ڪوشش آهي ته اهڙن ڊاڪٽرن، تعليم ڏاتن ۽ ماهرن کي سنڌ ۾ آڻيون جيڪي تعليم ماهر ٻاهرين ملڪ ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن اهي هتي اچي خدمتون سرانجام ڏين. هن چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي حڪومتي دور ۾ خانگي ۽ سرڪاري تعليمي ادارن جي فرق کي ختم ڪري ڇڏيو جنهن ڪري امير ۽ غريب جا ٻار هڪ ئي اسڪول ۾ پڙهندا هئا. هن چيو ته مان جڏهن تعليم جو وزير هيس ته اسان تعليم جي بگڙيل صورتحال کي تبديل ڪري بائيوميٽرڪ ۽ ٻيو نظام آندو جنهن ڪري اسڪولن ۾ هاڻي گوسڙو استادن جي گنجائش ناهي. هن چيو ته حڪومت کي مجبوري سبب اسڪول ايڊاپشن پاليسي اختيار ڪرڻي پئي جيڪا تعليم نظام کي بهتر بڻائڻ لاءِ آهي، هن وقت سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ پگهارن جي بجيٽ تعليم کاتي جي آهي ۽ ڏيڍ لک کان وڌيڪ پرائمري استاد آهن. هن چيو ته ڪامورن جي ڪري بورڊ جي امتحان ۾ اميدوار اي پلس گريڊ سان پاس ٿو ٿئي ۽ وري اهو ئي اميدوار انٽري ٽيسٽ ۾ فيل ٿي وڃي ٿو تنهن ڪري تعليم جي حوالي سان صورتحال بهتر ناهي ان کي ٺيڪ ڪرڻ جي سخت ضرورت آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ ماضيءَ جي حڪومت ۾ پٽن ۽ ڳوٺن ۾ 80، 80 اسڪول ٺهيا. هن وقت سنڌ ۾ 58 هزار اسڪولن مان 42 هزار پرائمري اسڪول آهن ۽ ورلڊ بئنڪ جي سهڪار سان سنڌ ۾ هر 2 ڪلوميٽر تي پرائمري اسڪول آهي. هن چيو ته تعليم کاتي ۾ پهريان ٻارهين جماعت پاس کي پرائمري استاد طور ڀرتي ڪيو ويندو هو پر هاڻي گريجوئيٽ جي ڊگري واري کي ميرٽ جي بنياد تي ٽيسٽ پاس ڪرڻ سان پرائمري استاد طور ڀرتي ڪيو ويندو آهي. ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو خطاب ڪندي چيو ته افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته سنڌ جي تعليم پاڪستان ۾ ڇهين نمبر تي آهي تنهن ڪري تعليمي نصاب کي جديد دور ۽ ٻاهرين دنيا کي ڏسي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي، چونڊيل نمائندن توڙي رٽائرڊ ڪامورن کي گهرجي ته هو پنهنجي پنهنجي علائقن جي اسڪولن کي ايڊاپٽ ڪن جنهن سان سنڌ جي تعليمي ماحول تبديل ٿي ويندو. هن چيو ته ايندڙ 10 سالن جي عرصي ۾ پوري دنيا تبديل ٿي ويندي ان لاءِ تعليم جي حوالي سان چونڊيل نمائندن ۽ رٽائرڊ ڪامورن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو چاڪاڻ سنڌ جي ڀهراڙين جي اسڪولن جا بنياد مضبوط ٿيندا ته اسان جا ٻار ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ بهتر تعليم حاصل ڪري سگهندا ٻي صورت ۾ اسان جا ٻار اهم ڪردار ادا نه ڪري سگهندا. اڳتي آءِ ٽي جو ڪنٽرول آهي. هن وقت تعليم ورچوئل ۽ بٽنڪن ڊجيٽل هئڻ سان گڏ ٻيون شين جو سسٽم انتهائي پاور فل ٿيندو پيو وڃي تنهن ڪري ٻارن کي به اسان کي اها ئي تعليم ڏيارڻي پوندي. هن چيو ته استادن ۽ استاد تنظيمن جي ڪري اسڪول تباهه ٿا ٿين اهي اسڪول نه پر اسان جا نسل تباهه ٿين پيا. هن چيو ته نوان استاد اڳ ڀرتي ٿيل سفارشي استادن کان ڪافي محنتي استاد آهن. ماضيءَ ۾ اسان سنڌ ۾ اهڙا به ڪارناما ڏٺا هڪ ئي ڳوٺ ۾ ڪٿي 85 اسڪول ته ڪٿي 25 اسڪول ٺهيا پر هاڻي سنڌ جي تعليم ۾ ڏينهون ڏينهن بهتري اچي رهي آهي. هن چيو ته سنڌ جي ڪنهن به ڳوٺ ۾ اسٽيڊيم ناهي، اسان ڏاهراهه ڳوٺ ۾ نئين اسٽيڊيم جي لاءِ ساڍا 3 ايڪڙ زمين ڏني آهي ۽ هن وقت اسٽيڊيم جو ڪم هلندڙ آهي، هن سال جي آخر ۾ اسٽيڊيم جو اڌاوتي ڪم مڪمل ٿي ويندو جتي شاگرديائين ۽ شاگردن کي صحتمند سرگرمين جا موقعا فراهم ڪيا ويندا ته جيئن هو نه صرف ملڪي پر بين الاقوامي راندين ۾ به حصو وٺي سگهن. هن چيو ته اسان کي سڀ کان پهريان پنهنجي گهر ۽ ڳوٺ کي سڌارڻ جي ضرورت آهي، هي گورنمينٽ گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول ان جو مثال آهي جتي شاگرديائيون جديد طور سان آراسته تعليم پرائي رهيون آهن، اسان هن اسڪول کي تعليم ۽ ٻين جي حوالي سان رولڊ ماڊل بڻائڻ چاهيون ٿا. آمريڪا مان کهي آيل ڊاڪٽر اعجاز علي ترڪ خطاب ڪندي چيو ته معاشري ۾ عورتن ۽ نياڻين کي رول ماڊل بڻائڻ جي ضرورت آهي، اسان کي سنڌ ۾ ملن جا نه پر آءِ ٽي جا مدرسا ڏاهڻ گهرجن، اسان جي خواهش آهي ته هي اسڪول سنڌ انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي ۽ يونيورسٽي بڻجي، اسان کي ترقي ڪرڻ لاءِ سائنس تي يقين رکڻ گهرجي جيڪو علم سکي اسين اڳتي وڌي سگهنداسين ٻي صورت اسين پوئتي رهجي وينداسين، ٽيڪنالاجي جي ذريعي ئي نياڻين جا خواب ساڀيان ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته اسان کي پنهنجي سڃاڻپ کي وسارڻ نه گهرجي پر پنهنجي سڃاڻپ، ٻوليءَ ۽ ڌرتي تي فخر ڪرڻ گهرجي، هن دور ۾ اهو ئي ماڻهو ڪامياب ٿي سگهي ٿو هن چيو ته اسان هن گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول کي پاڪستان جو نمبر ون گرلس هائير سيڪنڊري اسڪول کي يونيورسٽي به بڻائي سگهون ٿا ان لاءِ گڏجي ڪوششون وٺڻ جي ضرورت آهي.

بقايا 27

زمينون پرائيويٽ ماڻهن کي الاٽ ڪرڻ خلاف سٽي ڪورٽ ۾ وڪيلن پاران 17 هين ڏينهن به بڪ هڙتال ڪئي وئي، ايڊوڪيٽ خليل انصاري، ديدار چانڊيو، جاويد حاجاڻو، صالح ملاح، اياز سولنگي ۽ اشفاق پنهور جي اڳواڻي ۾ سنڌو درياهه مان 6 ڪينال ڪڍڻ ۽ سنڌ جون زمينون خانگي ڪمپني کي الاٽ ڪرڻ خلاف بڪ هڙتال ڪري احتجاج ڪيو ويو مظاهرين چيو ته سنڌو درياهه تي ٺهندڙ غيرقانوني ۽ غير آئيني 6 ڪينالن خلاف سنڌ اسيمبلي مان بل پاس ڪرائي سنڌ دشمن عمل کي روڪيو وڃي. گرين انيشيٽيو ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي وفاقي حڪومت سنڌ جي زمينن کي غير آئيني طور ورهائڻ بند ڪري، اڳ ۾ ئي سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، جنهن سبب سنڌ جون لکين ايڪڙ زمينون بنجر بڻجي ويون آهن. پڇڙي تائين پاڻي نه پهچڻ سبب پڇڙي جا آبادگار سخت پريشاني ۾ مبتلا ٿي ويا آهن ۽ سنڌ جي ڊيلٽا به تباهه ٿي وئي آهي، وڪيل اڳواڻن چيو ته سنڌ جي زمينن ۽ سنڌ جي پاڻي تي صرف سنڌين جو حق آهي

بقايا 28

مهم ۾ حصو وٺندڙ ٽيم تي فائرنگ ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ پوليس اهلڪار عبدالخالق شهيد ٿي ويو ڊسٽرڪٽ پوليس آفيسر راءِ مظهر اقبال موجب اڄ کان سموري ضلعي ۾ 7 ڏينهن جي لاءِ پوليو کان بچاءُ واري مهم شروع ڪئي وئي آهي. ڊي پي او موجب جمرود ٿاڻي جي علائقي بڪر آباد ۾ دهشتگردن پوليو کان بچاءُ واري مهم ۾ حصو وٺندڙ ٽيم تي اوچتو فائرنگ شروع ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ پوليو ٽيم کي سيڪيورٽي ڏيندڙ پوليس اهلڪار عبدالخالق ٿڏي تي شهيد ٿي ويو. پوليو اختيارين موجب فائرنگ سبب پوليو کان بچاءُ واري ٽيم ۾ حصو وٺندڙ ٻيو عملو معجزاتي طور تي محفوظ رهيو جڏهن ته موٽر سائيڪل سوار حملي آور فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، واقعي واري هنڌان 30 بور جا 2 خول مليا آهن. ڊي پي او موجب واقعي جي اطلاع ملندي ئي پوليس جي وڏي نفري واقعي واري هنڌ پهچي وئي ۽ دهشتگردن جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ناڪا بنديون ڪيون ويون آهن. صحت کاتي نالو ظاهر نه ڪرڻ جي شرط تي ٻڌايو ته بڪر آباد علائقي ۾ پوليو کان بچاءُ واري ٽيم کي واپس گهرائي پوليو مهم کي ملتوي ڪيو ويو آهي. ياد رهي ته سڄي ملڪ جيان خيبر ضلعي ۾ به اڄ کان 7 ڏينهن جي پوليو کان بچاءُ واري مهم شروع ڪئي وئي آهي جنهن ۾ پوليو جون 945 ٽيمون حصو وٺي رهيون آهن جنهن ۾ 2 لک 8 هزار ٻارن کي ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا 29

ڪرپشن ريفرنس ۾ اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه گرفتاري کان بچڻ ۽ حفاظتي ضمانت لاءِ سنڌ هاءِ ڪورٽ پهچي ويو ۽ عدالت ۾ ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪري ڇڏي. درخواست داخل ڪرڻ کان پوءِ صحافي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه کان سوال پڇيو ته ڇا توهان کي گرفتاري جو ڊپ آهي ؟ سيد قائم علي شاهه چيو ته هاڻي خبر ناهي، الله بهتر ڄاڻي ٿو ڇا ٿيندو. صحافي جو سوال هو ته اوهان خلاف 17 هزار ايڪڙ کان وڌيڪ زمين جي الاٽمينٽ جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي، ڇا چوڻ چاهيندؤ؟ سيد قائم علي شاهه چيو ته منهنجي خلاف جيڪو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. ان جو عدالت ۾ ئي پتو پوندو. صحافي سوال ڪيو ته اوهان جي خلاف شاهد آهي. سيد قائم علي شاهه چيو ته جن ڪيس داخل ڪيو آهي، انهن کان ئي پڇو.

بقايا 30

ڀهلڪاڻي ۽ شڪيل احمد ڀهلڪاڻي کي ڪشمور پوليس بازياب نه ڪرائي سگهي. ٻنهي مغوين جي وارثن عرض محمد رمضان سوڍو پيربخش ۽ حبيب الله ڀهلڪاڻي جي اڳواڻي ۾ غوثپور جي مٿن انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي احتجاج گذريل ٻن مهينن کان ايس ايس پي ڪشمور سکڻا دلاسا ڏيئي رهيو آهي ڪا به موثر ڪارروائي ڌوهارين خلاف نه پئي ڪئي وڃي مغوي جي بازيابي تائين ڌرڻو ختم نه ڪنداسين

بقايا 31

لاش هٿ آيو جنهن جي سڃاڻپ نه ٿيڻ سبب پوليس ايڌي ايمبولنس ذريعي سول اسپتال سکر آندو ويو جتان پوسٽ مارٽم ۽ ڪاغذي ڪارروائي بعد سينٽر سکر حوالي ڪيو ايڌي سينٽر انتظاميا لاش کي غسل ڪفن ڏيڻ ڪانپوءِ نئين ڳوٺ واري قبرستان ۾ امانتن دفنائي ڇڏيو آخري اطلاعن تائين نامعلوم لاش جي سڃاڻپ نه ٿي سگهي هئي

بقايا 32

جي سلسلي ۾ ايس ايڇ او ٽنڊوآدم نياز حسين ڪلهوڙو پنهنجي ماتحت عملي سان گڏ پوليس مقابلي جي ڪيس ۾ روپوش جوابدار جاويد علي ڪاتيار کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان هڪ بغير لائسنس تي پسٽل پڻ هٿ ڪري ورتو آهي ان کان علاوه ضلعي جي مختلف ٿاڻن منگلي شهدادپور سنجهورو ڪنڊڙو شاهپورچاڪر ۽ سانگهڙ ۾ مختلف ڪاروايون ڪندي 240 گرام چرس 86 ليٽر شراب 950 گٽڪا پڙيون 04 وسڪي جون بوتلون هٿ ڪري ورتيون آهن جوابدارن عامر علي جاويد رند. امير بخش ڪلهوڙو واڄر خاصخيلي وحيدعلي عمراڻي محمد رفع ۽ ٻين کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا 33

ڇا آرٽيڪل 200 آئين جو حصو نه آهي؟ اهو آرٽيڪل چوي ٿو ته صدر ڪنهن به جج کي هڪ کان ٻئي هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪري سگهي ٿو انهي جي لاءِ لاڳاپيل جج جي مرضي ضروري آهي. عرفان صديقي چيو ته چيف جسٽس پاڪستان ۽ ٻنهي لاڳاپيل هاءِ ڪورٽس جي چيف جسٽس ۾ مشاورت به ضروري آهي، ڪنهن کي ترجيح ڏني وڃي؟ انهي واضح آئيني شق کي يا ڪنهن خط کي؟ ياد رهي ته صدر آصف علي زرداري 2 ڏينهن اڳ لاهور، سنڌ ۽ بلوچستان هاءِ ڪورٽ مان هڪ هڪ جج کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ بدلي ڪري ڇڏيو هو. جڏهن ته اڄ اسلام آباد جي ٽنهي بار ڪونسلز 3 ججز جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ منتقلي جو نوٽيفڪيشن واپس وٺڻ جو مطالبو ڪندي هڙتال جو اعلان ڪيو آهي.

بقايا 34

سنڌي ادبي سنگت شاخ قاسم آباد جي گڏجاڻي ۾ شاخ جي سيڪريٽري ۽ نامياري شاعر شفيع چانڊيو سميت اديبن، شاعرن ڳالهائيندي ڪيو گڏجاڻي جي صدارت نامياري اديب تاج محمد شيخ ڪئي. گڏجاڻي ۾ چيو ويو ته سنڌي ادبي سنگت ڪڏهن به پنهنجو پاڻ کي ڌرتي جي ماڻهن جي مسئلن کان ڌار نه سمجهيو آهي، ون يونٽ مخالف جدوجهد کان اڄ تائين ڪڏهن مذمت ته ڪڏهن مزاحمتي انداز ته ڪڏهن وري حقن واري تحريڪن جي اڳواڻي وارو سنڌي ادبي سنگت جو تاريخي ڪردار رهيو آهي. گڏجاڻي ۾ تاج محمد شيخ ڪهاڻي، خليل پرهياڙ نظم، جام نظام پاڪٽ غزل، عاشق سولنگي گيت، واحد ڪانڊڙو نظم پنهنجي پنهنجي تخليق پڙهي. گڏجاڻي ۾ پاڻي خان سولنگي، نواز مانجهد، شاهنواز مهيس، خيرمحمد ابڙو، عبداش پنهور، سالم پنهور، غلام علي سولنگي، امداد علي شاهه، درياهه خان پيرزادو ۽ عاشق چانڊيو سميت اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ قاسم آباد جي آفيس قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو

بقايا 35

سکر ۾ ڪئمپ ڪورٽ منعقد ڪئي ويندي، جنهن دوران ميونسپل ڪارپوريشن، ميونسپل ڪميٽين، ٽائون ڪميٽين، ضلعي ڪائونسلن ۽ يونين ڪائونسلن سان لاڳاپيل اپيلن جي ٻڌڻي ڪئي ويندي. هيءَ ڪيمپ ڪورٽ عوامي شڪايتن جي فوري حل ۽ بلدياتي ادارن جي معاملن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ منعقد ڪئي پئي وڃي. ان موقعي تي شهري پنهنجون درخواستون داخل ڪرائي سگهن ٿا ۽ پنهنجن مسئلن جو حل لاءِ قانوني ڪارروائي ڪرائي سگهن ٿا ڪيمپ ڪورٽ 7 فيبروري 2025 تي صبح جو 8:30 وڳي ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن ڪورٽ سکر جي احاطي ۾ منعقد ڪئي پئي وڃي.

بقايا 36

مين روڊ تي ڪارروائي ڪندي ايراني ڊيزل سان ڀريل شهزور گاڏي هٿ ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي، گرفتار ٿيل جوابدارن ۾ غلام قادر جتوئي ۽ محمد حسن جوڻيجو شامل آهن. ٻڌايو پيو وڃي ته ايس ايس پي خيرپور توحيد رحمان ميمڻ کي خفيا اطلاع مليو ته ايراني پيٽروليم شين جي اسمگلنگ ٿي رهي آهي جنهن تي بي سيڪشن پوليس ڪامياب ڪارروائي ڪندي 1800 ليٽر ايراني ڊيزل هٿ ڪري گرفتار ٿيل ٻن جوابدارن مٿان ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 37

۾ ترقي حاصل ڪرڻ وارن ۾ سنڌ جي زراعت کاتي جا 104 زرعي آفيسر، 2 پلاننگ آفيسر، 1 ريسرچ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ۽ ٻيا شامل آهن. ان موقعي تي زراعت کاتي جي سيڪريٽري سهيل احمد قريشي آفيسرن کي مبارڪباد ڏني ۽ چيو ته زراعت کاتي جي وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي سنڌ جي زراعت کاتي ڪجهه مهينن ۾ 500 کان وڌيڪ آفيسرن کي ترقي ڏني آهي. آفيسرن جي وقت تي ترقي نه صرف انهن جي حوصلا افزائي ڪري ٿو پر کاتي جي ڪارڪردگي کي به بهتر بڻائي ٿو جڏهن آفيسرن کي وقت تي ترقي ملندي آهي ته اهي وڌيڪ محنت ۽ لگن سان ڪم ڪندا آهن جنهن سان کاتي جي ترقي ۾ مدد ملندي آهي هن وڌيڪ چيو ته خالي پوسٽن کي وقت تي ڀرڻ ضروري آهي ته جيئن ترقياتي عمل ۾ ڪا به رڪاوٽ پيش نه اچي کاتي جي قاعدن ۽ ضابطن تي سختي سان عمل ڪيو وڃي ته جيئن ڪنهن سان به ناانصافي نه ٿئي، زراعت کاتي جا آفيسر هارين لاءِ اهم ذريعا آهن جيڪي انهن جي ترقي ۽ خوشحالي ۾ مدد ڪندا آهن

بقايا 38

سپر ٽيڪس نه هوندو جڏهن ته هر سال 50 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ آمدني تي وڌ ۾ وڌ 10 سيڪڙو سپر ٽيڪس لڳايو ويندو. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينا جو اجلاس سومر ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزيرن، صلاحڪارن، خاص مددگارن، چيف سيڪريٽري، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري، چيئرمين پي اينڊ ڊي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. نئون زرعي آمدني ٽيڪس: صوبن ۽ وفاقي حڪومت جي وچ ۾ قومي مالي معاهدي تحت ڪيل واعدن موجب سنڌ ڪابينا سنڌ زرعي آمدني ٽيڪس قانون جي منظوري بعد سنڌ اسيمبلي ۾ پيش ڪيو ويو جتي پڻ بل کي اڪثريت راءِ سان پاس ڪيو ويو. هي اضافي قانون صوبي جي ٽيڪس گڏ ڪرڻ واري نظام کي مضبوط ڪرڻ ۽ زرعي شعبي ۾ مالي ذميواري کي مضبوط لاءِ متعارف ڪرايو ويو آهي. هن نئين قانون تحت سنڌ روينيو بورڊ (SRB)هڪ اٿارٽي ۽ منظم نظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ زرعي آمدني ٽيڪس جي اوڳاڙي ۽ نفاذ جو ذميوار هوندو. تجويز ڪيل سنڌ زرعي آمدني ٽيڪس بل 2025 پهرين جنوري 2025 کان لاڳو ٿيندو. بل موجب ڇهه لک رپين تائين جي زرعي آمدني ٽيڪس تي ڇوٽ هوندي جڏهن ته 56 لک رپين کان وڌيڪ سالياني آمدني تي وڌ ۾ وڌ 45 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ٿيندو ان کان علاوه هڪ بتدريج سپر ٽيڪس پڻ متعارف ڪرايو ويو آهي جنهن تحت هر سال 15 ڪروڙ رپين تائين جي زرعي آمدني تي ڪو به سپر ٽيڪس نه هوندو جڏهن ته هر سال 50 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ آمدني تي وڌ ۾ وڌ 10 سيڪڙو سپر ٽيڪس لڳايو ويندو. بل جو مقصد ڪارپوريٽ فارمنگ کي ٽيڪس جي دائري ۾ شامل ڪرڻ آهي. ننڍين ڪمپنين تي سالياني زرعي آمدني تي 20 سيڪڙو ٽيڪس لاڳو ڪيو ويندو جڏهن ته وڏين ڪمپنين لاءِ ٽيڪس جي شرح 29 سيڪڙو مقرر ڪئي وئي آهي. غور لائق آهي ته چوپائي مال کي ٽيڪس نيٽ ۾ شامل نه ڪيو ويو آهي ۽ زمين جي پوک جي بنياد تي لاڳو ٿيندڙ ايڊوانس زرعي آمدني ٽيڪس کي به ختم ڪيو ويو آهي. وڌيڪ ڪارآمد ۽ شفاف نظام کي يقيني بڻائڻ لاءِ ٽيڪس جي ادائيگي، اوڳاڙي ۽ فائلنگ جو عمل مڪمل طور تي آٽوميشن ڪيو ويندو. هي قانون هڪ اهم پاليسي تبديلي جي نمائندگي ڪري ٿو جنهن تحت زرعي آمدني ٽيڪس جو انتظام سنڌ روينيو بورڊ جي حوالي ڪيو ويو آهي. ايس آر بي ٽيڪس گڏ ڪرڻ ۽ جديد ڪاروباري طريقن جي نفاذ ۾ هڪ قابل اعتماد ادارو ثابت ٿيو آهي. هن نئين قانون سازي سان ٽيڪس نيٽ کي وڌائڻ، شفافيت کي بهتر بڻائڻ ۽ برابري جي بنياد تي زرعي شعبي جي شرڪت کي يقيني بڻائڻ جي اميد آهي جيڪو سنڌ جي معيشت لاءِ اهم آهي. اين ايف سي ايوارڊ ورهائڻ جي ڇهه مهينن جي رپورٽ: ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته ستين اين ايف سي ايوارڊ (2010) هن وقت لاڳو آهي. وفاقي حڪومت اين ايف سي ايوارڊ تحت مقرر ڪيل روينيو شيئرنگ فارمولي مطابق صوبن کي پنهنجو حصو منتقل ڪري ٿي. ورهائيندڙ پول ۾ شامل آمدني ۾ آمدني ٽيڪس، ڪيپيٽل ويليو ٽيڪس، سيلز ٽيڪس (خدمتن تي جي ايس ٽي کانسواءِ)، وفاقي ايڪسائيز ڊيوٽي (قدرتي گئس تي ايڪسائيز ڊيوٽي کانسواءِ)، ڪسٽم ڊيوٽي (ايڪسپورٽ ڊولپمينٽ سرچارج کانسواءِ) شامل آهن وڏي وزير چيو ته ورهائيندڙ پول جي ورڇ جي اشارن ۾ آبادي جو وزن 82 سيڪڙو، غربت ۽ پسماندگي 10.30 سيڪڙو، روينيو ڪليڪشن/پيداوار 5 سيڪڙو ۽ غير مقامي آبادي 2.7 سيڪڙو آهي. ورهايل پول ۾ پنجاب جو حصو 51.74 سيڪڙو آهي، ان ڪانپوءِ سنڌ 24.55 سيڪڙو، خيبر پختونخوا 14.62 سيڪڙو ۽ بلوچستان 9.09 سيڪڙو سان گڏ آهي. ڪابينا کي ٻڌايو ويو ته صوبائي حڪومت کي 22_2021 (جنوري کان جون 2022) دوران 489.067 ارب رپيا مليا. گذريل ٽن سالن دوران 23_22_2021 ۽ 24_2023 سنڌ کي قومي مالياتي ڪميشن (اين ايف سي) کان ڪل 3002.43 ارب رپيا پنهنجي حصي طور مليا جنهن ۾ 77.16 ارب رپيا گهٽ مليا هئا پر تازو سنڌ کي اهي 77.16 ارب رپيا ادا ڪيا ويا آهن. هن عرصي دوران 1325.35 ارب رپيا سنڌ حڪومت کي سڌي منتقلي جي تحت ڏنا ويا جنهن ۾ 126.64 ارب رپيا گهٽ هئا پر وفاقي حڪومت تازو ئي هن گهٽتائي کي پڻ پورو ڪيو آهي. ڪابينا صوبائي اسيمبلي ۾ ڇهن مهينن جي اين ايف سي رپورٽ (جنوري کان جون 2022) پيش ڪرڻ جي منظوري ڏني. سنڌ ڪابينا ڪاغذي ڪارروائي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو: گورننس ۾ جدت ۽ ڪارڪردگي وڌائڻ جي ڪوشش ۾ سنڌ حڪومت پنهنجي ڪابينا جي ڪمن لاءِ هڪ جامع ڊجيٽلائيزيشن مهم شروع ڪئي آهي. وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي سروسز، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآرڊينيشن کاتي هڪ نئون سنڌ ڪابينا اي-پورٽل متعارف ڪرايو آهي جيڪو 2021 ۾ وفاقي حڪومت پاران ڪيل ڊجيٽلائيزيشن قدمن جي نموني تي آهي. هن شروعات جو مقصد هڪ پيپر لس ۽ وائرليس ماحول پيدا ڪرڻ آهي جنهن تحت هر ڪابينا ميمبر کي هڪ آئي پيڊ ۽ سم تي ٻڌل انٽرنيٽ ڪنيڪشن فراهم ڪئي ويندي. هي روايتي LAN ڪنيڪشن کي تبديل ڪندو ۽ هڪ مڪمل اي-آفيس ۽ اي-گورننس فريم ورڪ ڏانهن هڪ وڏو قدم هوندو. اي-پورٽل ڪابينا جي ميمبرن کي ڪابينا جي ورڪنگ پيپرن ۽ وڏي وزير لاءِ باقاعده خلاصن تائين رسائي فراهم ڪندو ۽ هڪ وقف ٿيل ايپ ۽ اي-دستخطن ذريعي اجلاس جي منٽن جي ڊجيٽل منظوري ۽ ايجنڊا جي گردش کي آسان بڻائيندو. ڪابينا ميمبرن کي انهن جي iPads تي ريئل ٽائيم پاپ اپ نوٽيفڪيشن پڻ ملندا، انهن کي سڀني واقعن ۽ تبديلين کان باخبر رکيو ويندو.

بقايا 39

ٻڌايو ته خط ۾ پهرين نڪتو فراڊ اليڪشن ۽ مين لانڊررز کي ڪرائڻ بابت آهن. ٻيو نڪتو 26هين آئيني ترميم، قانون جي حڪمراني ۽ عدليا متاثر ٿيڻ تي آهي، جڏهن ته عمران خان القادر ٽرسٽ ڪيس فيصلي جو به حوالو ڏنو آهي. فيصل چوڌري موجب خط ۾ ٽيون نڪتو پي ٽي آءِ خلاف دهشتگردي جي ڪيسن، ڇاپن ۽ گوليون هلائڻ تي آهي، جڏهن ته پنجون نڪتو انٽيليجنس ادارن جي ڪم بابت آهي. هن ٻڌايو ته پي ٽي آءِ باني دهشتگردي خلاف جنگ ۾ فوج سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ خط ۾ چيو ته فوج روز قربانيون ڏئي رهي آهي، سڄي قوم فوج سان گڏ بيٺي آهي، عمران خان خط ۾ چيو آهي ته سوشل ميڊيا تي ڪريڪ ڊائون ڪرڻ لاءِ پيڪا قانون آندو ويو، تنقيد کي گهٽو ڏنو ويو صحافين کي ڌمڪيون ڏيڻ سان سڄو نزلو فوج تي ڪري رهيو آهي، ملڪي معيشت گوڏن ڀر ويٺي آهي، حڪومت رپئي جو قدر روڪي معيشت کي متاثر ڪيو آهي. فيصل چوڌري موجب عمران خان خط ۾ سيڙپڪاري گهٽ ٿيڻ، انٽرنيٽ بندش جو معاملو اٿاريو سان گڏ جڊيشل ڪميشن جوڙڻ ۽ پاليسيون تبديل ڪرڻ جي به درخواست ڪئي آهي.

بقايا 40

۾ مبارڪباد ڏيندي چيو ته اسان کي توهان جي ڪاميابين ۽ منهنجي ٽن ٻارن جي سڀ کان پياري آنٽي هجڻ تي فخر آهي. اڳوڻي وزيراعظم محترمه بينظير ڀٽو ۽ صدر آصف علي زرداري جي نياڻي خاتون اول آصفه ڀٽو اڄ پنهنجي 32هين سالگرهه ملهائي رهي آهي. سالگرهه جي موقعي تي آصفه جي وڏي ڀيڻ بختاور دلچسپ انداز ۾ مبارڪباد ڏني. بختاور ڀٽو انسٽاگرام تي هڪ ڪيڪ جي تصوير شيئر ڪئي ۽ آصفه کي ٽيگ ڪندي لکيو ته "سالگرهه مبارڪ هجي، اسان کي توهان جي ڪاميابين تي فخر آهي، اسان کي منهنجي ٽن ٻارن جي سڀ کان پياري آنٽي هجڻ تي فخر آهي.

بقايا 41

پهتو ايئرپورٽ تي گورنر ۽ بلوچستان جي وڏي وزير وزيراعظم جي آجيان ڪئي. شهباز شريف دهشتگردن سان ويڙهاند دوران زخمي ٿيل ايف سي اهلڪارن جي عيادت پڻ ڪئي. ان بعد وزيراعظم امن امان بابت اجلاس جي صدارت به ڪئي. وزيراعظم کي امن امان جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته دهشتگرد بلوچستان جي امن امان، ترقي، خوشحالي جا دشمن آهن. دهشتگرد نٿا چاهين ته بلوچستان جا ماڻهو خوشحال ٿين. هن چيو ته بلوچستان جي ترقي جو سفر جاري آهي، وڳوڙين جون بزدلاڻيون ڪارروائيون بلوچستان جي ترقي جو رستو نٿيون روڪي سگهن. بلوچستان جي ترقي حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي. سندس چوڻ هو ته بلوچستان ۾ صحت ۽ تعليم جي معياري سهولت جي لاءِ قدم کنيا رهيا آهيون. چين ۾ زرعي شعبي جي جديد تربيت جي لاءِ بلوچستان جي شاگردن جو جي خاص ڪوٽا رکي وئي آهي. زراعت جي ترقي جي لاءِ زرعي ٽيوب ويلن جي سولرائزيشن ڪئي وئي آهي. سي پيڪ کي مڪمل ڪرڻ جي لاءِ ڪم تيزي سان جاري آهي. گوادر ايئرپورٽ تي اڏامن جو سلسلو شروع ٿي چڪو آهي. وزيراعظم چيو ته گوادربندرگاهه دنيا وچ ۾ پاڪستان کي اهم رابطو بڻائڻ ۾ مک ڪردار ادا ڪندي. هن چيو ته سپهه سالار ۽ فوج حڪومت سان گڏ پر امن بلوچستان جي لاءِ ڏينهن رات ڪوشان آهي. اسان جا سپوت ماضي جي غلطين کي رت جا نذرانا پيش ڪري ازالو ڪري رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته سياست جو نه قوم کي درپيش دهشتگردي جو چئلينجز جو مقابلو ڪرڻ جو وقت آهي. پنهنجون توانائيون گڏ ڪري دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻو آهي. شهباز شريف چيو ته سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي عوام جي تحفظ لاءِ وڳوڙي عنصرن کي جڙ ۾ رڙل آهي. بلوچستان جي امن ۽ خوشحالي دشمنن جي ناپاڪ ارادن کي ڪامياب ٿيڻ نه ڏيندي.

بقايا 42

اسلام آباد: (ڪ.د) وفاقي سرڪار پنهنجي اهم اتحادي پارٽي پاڪستان پيپلز پارٽي جو مطالبو رد ڪري ڇڏيو ۽ پارليامينٽ ميمبرن جون تڪراري ترقياتي اسڪيمون بحال ڪري ڇڏيون. ذريعن موجب ستن مهينن ۾ 460 ارب رپين جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42/ روينيو شارٽ فال جي باوجود ترقياتي اسڪيمون بحال ڪيون ويون. ايس اي پي پروگرام جو بجيٽ 25 ارب رپين مان وڌائي 50 ارب رپيه ڪيو ويو. ذريعن جو چوڻ هو ته حڪومت پارليامينٽيرينز جي لاءِ ترقياتي فنڊز جي ورهاست جا اصول نرم ڪري ڇڏيا، پيپلز پارٽي جا 30 ارب جا غير استعمال ٿيل فنڊز اڳيان وڌائڻ جو مطالبو رد ڪيو ويو، رپورٽ موجب پارليامينٽ ميمبرن جي پگهارن ۾ 300 سيڪڙو اضافي کان پوءِ ترقياتي فنڊز به جاري ڪيا ويا آهن. ذريعن موجب ترقياتي اسڪيمن جو ڪم هاڻ پاڪستان انفرااسٽرڪچر ڊولپمينٽ کي ڏنو ويندو. ذريعن جو چوڻ هو ته سينيٽ چيئرمين ۽ ڊپٽي اسپيڪر ختم ٿيل فنڊز جي بحالي لاءِ خط لکيا. حڪومت مالي بحران جي باوجود حڪومتي ميمبرن جي لاءِ فنڊز جي فوري ورهاست جو فيصلو ڪيو

بقايا 43

لاهور جي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ شهباز شريف ۽ ان جي پٽ حمزه شهباز جي خلاف رمضان شوگرملز ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جتي شهباز شريف ۽ حمزه شهباز جي وڪيل امجد پرويز دليل ڏنا. وڪيل امجد پرويز دليلن ۾ چيو ته نالي جي تعمير جو ڪم انهي وقت جي وڏي وزير شهباز شريف ناهي ڏنو پر نالي جي تعمير جي منظوري پنجاب ڪابينه ڏني ۽ نالو علائقي جي بهتري لاءِ ٺاهيو ويو وڪيل چيو ته شهباز شريف ۽ حمزه شهباز جي خلاف ڪيس سياسي بنيادن تي قائم ڪيو ويو، نالو صرف رمضان شوگرملز جي لاءِ نه آهي پر انهي سان 10 ڳوٺن کي فائدو پهچي رهيو آهي اهو ريفرنس غلط سروي جي بنياد تي ٺاهيو ويو، جنهن کان پوءِ عدالت وڪيل جا دليل مڪمل ٿيڻ تي ڪيس جو فيصلو محفوظ ڪري ورتو جيڪو 6 فيبروري تي ٻڌايو ويندو.

بقايا 44

تي صحيحون ٿي ويون، پاڪستان ۽ سعودي فنڊ فار ڊيولپمينٽ وچ ۾ مختلف شعبن ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحن جي تقريب ٿي، جنهن ۾ وزيراعظم شهباز شريف، ناڻي وارو وزير محمد اورنگزيب ۽ سعودي سفير به موجود هئا. پاڪستان ۽ سعودي ڊيولپمينٽ فنڊ وچ ۾ 1.61 ارب ڊالرن جي معاهدن تي صحيحون ٿيون هڪ مفاهمتي يادداشت موجب سعودي ڊيولپمينٽ فنڊ هڪ ارب 20 ڪروڙ ڊالرن جي تيل جي هڪ سال دير سان ادائيگي تي درآمد ڪرڻ جي سهولت ڏيندو.

بقايا 45

شارٽ پيادل مارچ شروع ٿي ويو مارچ جي اڳواڻي قومي عوامي تحريڪ مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجو، ڪامريڊ ڪرڙ ريهاري انور نوحاڻي، ضلعي صدر شوڪت نوحاڻي، مجيد بگهيو، نثار پرڳڙي، الطاف پرڳڙي، حيدر ڀٽي، ارباب نوحاڻي، مقصود پرڳڙي ۽ ٻيا ڪري رهيا آهن. مارچ جو وڪ وڪ تي مختلف هنڌن تي ڳلن جي ورکا سان شاندار استقبال ڪيو درياهه تي ڌاڙي خلاف پيادل مارچ 7 ڏينهن جاري رهندو، جهلو، ٽنڊو جان محمد، ڊگهڙي، ميرواهه گورچاڻي، مکڻ سمون کان ٿيندو 9 فيبروري تي ميرپورخاص پريس ڪلب پهچندو، جتي قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو، هاري، آبادگار ۽ ٻيا سياسي سماجي اڳواڻ خطاب ڪندا. پيادل مارچ شام فضل پنهور پهچندو جتي رات رهڻ بعد ٻئي ڏينهن تي ڳلن واري موري کان روانو ٿي نئون ڪوٽ روشن آباد پهچندو. پيادل مارچ کي مختلف هنڌن تي خطاب ڪندي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري مظهر راهوجي چيو ته سنڌو درياهه اسان جي ريڊ لائين آهي. 6 ڪئنال ايٽم بم کان به وڌيڪ خطرناڪ آهن. هي 7 ڪروڙ سنڌين جي زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي. پيپلز پارٽي جا حڪمران ڪرپشن ۽ ٻين غير قانوني ڪمن ۾ ملوث هجڻ ڪري هر سنڌ دشمن منصوبو جوڙڻ لاءِ تيار ۽ حصيدار آهن. آصف زرداري 6 ڪئنالن جي منظوري ڏني. مراد علي شاهه ۽ ٻيا وزير سنڌ جي عوام کي دوکو ڏئي ڪوڙي مخالفت ڪري رهيا آهن. مظهر راهوجي چيو ته 6 ڪئنال ٺهيا ته سنڌ بيابان بڻجي ويندي. ماڻهن جي پيئڻ ۽ غسل لاءِ به پاڻي نه ملندو. سکر کان هيٺ درياهه ۾ واري اڏامندي. سنڌ جا ماڻهو پنهنجي ايندڙ نسلن خاطر درياهه لاءِ جدوجهد ۾ شامل ٿين. قومي عوامي تحريڪ ضلعي ميرپورخاص جي صدر شوڪت نوحاڻي خطاب ڪندي چيو ته وفاقي حڪومت ڪينال ڪڍڻ واري هوڏ تان نه لٿو ته پوءِ سنڌي جو عوام پنجاب ڏانهن ويندڙ رستن کي بند ڪري ڇڏيندو. سنڌ ۾ آئي ايم ايف جي چوڻ تي زراعت ۽ مال تي ٽيڪس لڳائڻ کي رد ڪريون ٿا. سنڌ جي زراعت کي هٿ وٺي تباهه ڪيو ويو آهي. سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي. سمنڊ ۾ پاڻي ڇوڙ نه ٿيڻ ڪري لکين ايڪڙ زمين سمنڊ هيٺ هلي وئي آهي. ساحلي پٽي جا ماڻهو بدحالي جو شڪار آهن. سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر ڪامريڊ ڪرڙ ريهاري خطاب ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي ۽ زرداري مافيا سنڌ ۾ پنهنجي بادشاهت قائم ڪيو ويٺي آهي. سنڌو درياءَ مان 6 نوان ڪئنال ڪڍيا ويا ته اسان جي 60 لک ايڪڙ کان وڌيڪ زمين ڀڙ ڀاڻ ٿي ويندي. سنڌو درياهه تي حملي خلاف سنڌ جو عوام ڪڏهن به خاموش نه ويهندو. سنڌو درياهه کي بچائڻ لاءِ سنڌي ماڻهو مزاحمت ڪندا سنڌ جا ماڻهو سجاڳ ٿي چڪا آهن. سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي رستن تي آهن جيڪو فصل لهي ٿو ان جا اگهه ڪيرايا وڃن ٿا. سنڌ جا ماڻهو درياهه لاءِ اياز لطيف پليجي جو ساٿ ڏين. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ انور نوحاڻي خطاب ڪندي چيو ته حڪمران ٻڌائين ته سنڌ کي ڪهڙي ڏوهه جي سزا ڏني پئي وڃي. سنڌ جي تعليم، امن، گورننس، صحت، روينيو سميت سمورن ادارن کي ڪرپٽ ۽ کوکلو بنايو ويو آهي. هاڻ جيڪڏهن ڪئنال ٺهيا ته سنڌي ماڻهو تاريخي تباهي جو شڪار ٿي ويندا. پاڻي نه ملندو ته زراعت ختم ٿي ويندي، بيروزگاري ۽ بدحالي جي ڪري ماڻهو اڳ ۾ ئي خودڪشيون ڪري رهيا آهن اسين ڪنهن به صورت ۾ سنڌو درياهه تي ڌاڙو برداشت نه ڪنداسين ۽ ڪئنال ٺاهڻ نه ڏينداسين

بقايا 46

۽ صوبي جي ٻارن لاءِ صحتمند مستقبل کي يقيني بڻائڻ جي مضبوط عزم کي ورجايو افتتاحي تقريب سومر ڏينهن وزيراعليٰ هائوس ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سيڪريٽري صحت ريحان بلوچ، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، اي او سي ڪوآرڊينيٽر ارشد سوڍڙ، روٽري جو عزيز ميمڻ ۽ ٻين شرڪت ڪئي. وڏي وزير زور ڏنو ته پوليو جي خاتمي جي مهم صرف صحت جو مسئلو ناهي پر سنڌ جي ٻارن جي ڀلائي لاءِ هڪ اهم جنگ آهي. هن چيو ته اسان جو پڪو عزم آهي ته سنڌ ۾ ڪوبه ٻار هن موذي بيماري جو شڪار نه ٿئي. سنڌ حڪومت هن مشن ۾ مڪمل طور تي مصروف آهي ۽ ذاتي طور تي مهم جي نگراني ڪندي. ويڪسينيشن مهم 3 فيبروري کان 9 فيبروري تائين جاري رهندي ۽ ان جو مقصد سڄي سنڌ ۾ پنجن سالن کان گهٽ ڄمار جي 16 ملين کان وڌيڪ ٻارن کي ڦڙا پيارڻ آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه هر ٻار کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ۽ چيو ته پاڪستان دنيا جي آخري ٻن ملڪن ۾ شامل آهي جتي اڃا تائين پوليو موجود آهي. مراد علي شاهه چيو ته 2024 ۾ پاڪستان ۾ 73 پوليو ڪيسن مان 22 سنڌ ۾ رپورٽ ٿيا. 2025 جو پهريون ڪيس خيبر پختونخواهه جي ڊيره اسماعيل خان ۾ رپورٽ ٿيو آهي جيڪو ياد ڏياري ٿو ته پوليو وائرس اڃا تائين هڪ سنگين خطرو آهي. ماحولياتي نگراني دوران سنڌ جي ڪيترن ئي علائقن ۾ پوليو وائرس جي موجودگي جي تصديق پڻ ٿي آهي جيڪا مسلسل نگراني جي ضرورت کي وڌيڪ اجاگر ڪري ٿي. وڏي وزير صوبي جي 82000 فرنٽ لائن پوليو ورڪرن جي محنت جي واکاڻ ڪئي جيڪي ڏکيءَ حالتن باوجود ٻارن کي هن موذي بيماري کان بچائڻ لاءِ گهر گهر وڃي رهيا آهن. هن چيو ته اهي ورڪر هن مهم جا اصل هيرو آهن. انهن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ 21844 سيڪيورٽي اهلڪار مقرر ڪيا ويا آهن. هن صحت ٽيمن جي حفاظت لاءِ سنڌ پوليس جي ڪوشش جي پڻ تعريف ڪئي. پوليو ويڪسينيشن مهم ۾ ڪنهن به مزاحمت خلاف سخت پيغام ڏيندي مراد علي شاهه چيو ته اسان جي پوليو ٽيمن خلاف ڪنهن به قسم جي ڌمڪي يا رڪاوٽ برداشت نه ڪئي ويندي جيڪو به هن مهم ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي ڪوشش ڪندو ان خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. هن چيو ته اهي ورڪر رڳو طبي عملو نه پر اسان جي ٻارن جي مستقبل جا محافظ آهن ۽ اهي اسان پاران عزت ۽ مدد جا مستحق آهن. وڏي وزير مراد علي شاهه چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه پاران تيار ڪيل هڪ نئون ڪارڪردگي اسڪور ڪارڊ پڻ متعارف ڪرايو جيڪو ضلعي سطح تي مهم جي ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو. بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ضلعن جي تعريف ڪئي ويندي جڏهن ته خراب ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ علائقن جو احتساب ڪيو ويندو. وڏي وزير مذهبي اڳواڻن، استادن، برادري جي بزرگن ۽ بااثر شخصيتن کي پڻ اپيل ڪئي ته اهي هن مهم ۾ مڪمل شرڪت جي حوصلا افزائي ڪن. هن چيو ته اسان پنهنجي گڏيل ڪوشش سان سنڌ ۽ پاڪستان کي پوليو کان پاڪ بڻائينداسين. هي اسان لاءِ تاريخ جو حصو بڻجڻ جو موقعو آهي ۽ اسين شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي خواب کي پورو ڪنداسين

بقايا 47

ڪيس ۾ جسٽس جمال مندوخيل چيو ته خدا نه ڪري جيڪڏهن پارليامينٽ، سپريم ڪورٽ يا جي ايڇ ڪيو تي دهشتگرد حملو ٿئي ٿو ته ڇا پارليامينٽ ۽ سپريم ڪورٽ تي حملن جو ٽرائل اي ٽي سي ۾ ٿيندو ۽ رڳو جي ايڇ ڪيو تي حملي جو ٽرائل فوجي عدالت ۾ ٿيندو؟ سپريم ڪورٽ ۾ جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 7 رڪني آئيني بينچ فوجي عدالتن ۾ سويلينز جي ملٽري ٽرائل خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران جسٽس ريٽائرڊ جواد ايس خواجا جي وڪيل خواجا احمد دليل ڏنا. وڪيل خواجا احمد حسين دليلن ۾ چيو ته سويلينز جو ڪورٽ مارشل ڪنهن به صورت ۾ نٿو ٿي سگهي، فوجي عدالتن جو طريقي ڪار شفاف ٽرائل جي گهرجن جي ابتڙ آهي.

بقايا 48

سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمين مخدوم سعيد الزمان "عاطف" پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سراج الحق ميمڻ وڏي پائي جو اديب هو، هن سنڌ جي علمي ۽ ادبي ميدان ۾ ڀرپور نموني سان پنهنجو نالو ڪمايو سندس شمار سنڌي ٻولي ۽ ادب جي عالمن ۾ ٿئي ٿو مخدوم سعيد الزمان "عاطف" چيو ته سراج الحق ذاتي زندگيءَ ۾ هڪ شفيق مهربان انسان ۽ سنڌ جو عاشق هو سندس قلمي پورهيو ايندڙ نسلن لاءِ هميشه مشعل راهه ثابت ٿيندو. هو سنڌي ٻوليءَ جو ماهر، ڪهاڻيڪار ۽ ناولسٽ پڻ رهيو. سراج ميمڻ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي نوان لاڙا ڏنا. سندس شمار انهن شخصيتن ۾ ٿئي ٿو جن سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي آهي. سندس ادبي خدمتن کي وساري نٿو سگهجي.

بقايا 49

ميرپورخاص ڊاڪٽر رشيد مسعودخان 3 فيبروري کان 8 فيبروري تائين پوليو خلاف مهم جو باضابطا آغاز ڪري ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پياريا ان موقعي تي ضلعي هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر امجد اعظم پڻ موجود هوان موقعي تي ضلعي پوليو ڪنٽرول روم جي فوڪل پرسن ڊاڪٽرراجيش ڪمارڪميونيڪيشن آفيسر منير ابڙو ٻڌايو ته پوليو خلاف مهم دوران سموري ضلعي ۾ ڄمڻ کان وٺي 5 سالن جي عمر جي 3 لک 48 هزار 463 ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ 1090 موبائل ٽيمون 97 فڪسڊ پوائنٽس 53 ٽرانزٽ ٽيمون 253 ايرياانچارجز ۽ 52 يو سي ايم اوز مقرر ڪيا ويا آهن واضح رهي ته ضلعي ۾ پوليو خلاف مهم 3 فيبروري کان شروع ٿي آهي جيڪا 8 فيبروري تائين جاري رهندي

بقايا 50

تي ٻن موٽر سائيڪلن جي زوردار ٽڪر ٿي پيو تيز رفتار ايندڙ ڊاٽسن هڪ موٽر سائيڪل سوار رٽائرڊ پوليس جمعدار غلام شبير ڪوسو جي مٿان چڙهي وئي جيڪو ڊاٽسن جي هيٺان اچي موقعي تي فوت ٿي ويو جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا 51

واقعي ٽن ڄڻن جي قتل ڪيس ۾ ڄاڻايل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ شهدادپور ۾ ڊي ايس پي آفيس لڳ جبار خاصخيلي جي گرفتاري لاءِ سندس گهر تي سانگهڙ ۽ ڇوٽياريون پوليس جي ليڊيز پوليس سان گڏ چڙهائي ڪري ڪاروائي ۾ جبار خاصخيلي جي نه ملڻ تي سندس سئوٽ محمد اويس خاصخيليءَ کي گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ کڻي وئي.

فاپواسا جي سڏ تي يونيورسٽي ۾ 14 هين ڏهاڙي به احتجاج، تدريسي جو بائيڪاٽ

ڄامشوري ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽي ۾ به استادن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

حڪومتي قدم يونيورسٽين جي خودمختياري کي تباهه ڪرڻ ۽ انهن جي بنيادي قدرن کي نقصان پهچائڻ جي سازش آهي: عبدالرحمان

سنڌ حڪومت آمراڻو رويو اختيار ڪندي استادن جي خدشن کي نظرانداز ڪيو آهي، ترميمن جو مقصد يونيورسٽين کي مڪمل سياسي ڪنٽرول هيٺ آڻڻ آهي

ڄامشورو (ڊ ر) فيڊريشن آف آل پاڪستان يونيورسٽيز /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

ڄامشورو: سنڌ ۽ مهراڻ يونيورسٽي جا استاد احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

چار ورهيه پورا ٿيڻ باوجود سرڪاري ٽيوب ويل جو ڪم مڪمل ناهي ٿيو: پ پ اڳواڻ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

سکر ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران ڪشميري لباس پهري ڪشميرين سان ٻڌي جو اظهار

سکر (بيورو رپورٽ) ڪشميرين سان يڪجهتي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

پيارو اسٽيشن فيڊر جي 3 هفتن ڪان بجلي بحال نه ٿي سگهي، ڳوٺاڻن جو مظاهرو ڌرڻو

رئيس ماجد ٽگو، اياز زرداري، احسان مري، وحيد پرڳڙي، نبي بخش ملاح ۽ ٻيا رستن تي اچي ويا

بجلي بند ٿيڻ سبب مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهيون، بنا ڪارڻ بجلي ڪاٽي وئي آهي: ڳوٺاڻا

سيپڪو جي ٽن ڏينهن ۾ بجلي بحال ڪرڻ جي خاطري باوجود بجلي بحال ناهي ٿي: دانهن

پيارو اسٽيشن (ن پاڪ) پيارو اسٽيشن فيڊر جي 3 هفتن ڪان بجلي بحال نه ٿي سگهي ڳوٺاڻن جو احتجاج ان موقعي تي رئيس ماجد ٽگو، اياز زرداري /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

پرياسٽي جي معزز شخصيت نامياري ڊاڪٽر محمد اشرف ميمڻ جو نوجوان پٽ بيماري سبب لاڏاڻو ڪري ويو

پرياسٽي (ن پاڪ) پرياسٽي جي معزز شخصيت نامياري ڊاڪٽر محمد اشرف ميمڻ جو نوجوان پٽ احسن ميمڻ ڪجھ عرصو بيمار رهڻ بعد /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

ميرپور بٺورو: ٻه زميندار پائر پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

ميرپوربٺورو ۾ زميندار پائرن جو مخالف ڌر جي ظلم خلاف مظاهرو

سولنگي برادري وارا حملا ڪري مسلسل حراسان پيا ڪن: عبدالصمد ميمڻ جو الزام

عدالت ۾ هلندڙ ڪيس تان هٿ ڪڻڻ لاءِ دٻاءُ وڌو پيو وڃي، انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

ميرپوربٺورو (رپورٽ حاجي موسا ڪٽي) ميرپوربٺورو تعلقي جي ديهه چوبندي چانڪي جي زميندار پائرن ائڊوڪيٽ عبدالصمد ميمڻ ۽ سندس پاءُ /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

سيتا روڊ ۾ مرحوم اسٽيج اداڪار سڪندر علي سومرو جي ياد ۾ ڪتابي ميلو

سڪندر سومرو بهترين استاد، آرٽسٽ هجڻ سان گڏ بهترين انسان پڻ هو: ايم پنهور

سندس گذاريل ساده زندگي اسان لاءِ سبق آهي: ميڙاڪي کي خطاب

سيتاروڊ (رپورٽ: منور اڪبر سولنگي) سيتاروڊ ۾ سماجي اڳواڻ جي ايم پنهور پاران گورنمنٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ سنڌ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

”سهولتون ڏيو“ لکي لڳ ڳوٺاڻن پاران پوليو مهم جو بائيڪاٽ، ٽيم واپس

ڳوٺ عيسو ٽانوري ۾ بنيادي سهولتون نه ڏيڻ تي احتجاجن پوليو ٽيم کي واپس ڪري ڇڏيو

قائم ڊسپنسري ۾ ڪنهن به قسم جي سهولت ناهي، ٻيون به سهولتون ميسر ناهن: ايم ادريس ٽانوري

اطلاع تي اي سي ۽ مختيارڪار پهتا، ڳوٺاڻن کي بنيادي سهولتون ڏيڻ جي خاطري، ٻارڙن کي ڦڙا پيارايا ويا

لکي غلام شاهه (رپورٽ گوگي رام) پوليو جا ڦڙا ٻارن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

ملير: ٽائون چيئرمين گڏاپ ۽ ٻيا نادرا آفيس جو افتتاح ڪري رهيا آهن

سيتاروڊ: اسٽيج اداڪار سڪندر علي سومرو جي ياد ۾ ڪوٺايل تعزيتي ميڙاڪو

اوڏيرو لال ۾ ڪندو جت اسڪول جا ٻارڙا پٽ تي ويهي پڙهڻ لڳا، ڳوٺاڻا سراپا احتجاج

ڳوٺ ڪندو جت جي پرائمري اسڪول ۾ 133 ٻارڙن لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ڪيو ويو آهي: عمران جت

اسڪول ۾ فرنيچر نالي ڪا به شئي موجود ناهي، ڪيترائي ڀيرا ڊي سي متياري کي پڻ دانهون ڏنيون آهن

عملدارن ۽ چونڊيل نمائندن مان ڪنهن به هن وقت تائين داد رسي نه ڪئي آهي، مسئلو حل ڪيو وڃي: ڳوٺاڻا

اوڏيرولال (جمعو ساهوال): اوڏيرولال لڳ ڳوٺ ڪندو جت جو پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

اوڏيرو لال: ڳوٺ ڪندو جت جا شاگرد بنيادي بنيادي سهولتن لاءِ احتجاج ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪنڊياري واسي بااثر خلاف درخواست ڏئي ڇڏي، ايس ايس پي نوشهروفيروز کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو حڪم

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪنڊيارو واسي وڪيل اسد الله ۽ سندس گهر واري کي بااثرن پاران حراسان ڪرڻ خلاف درخواست داخل ڪري ڇڏي، عدالت ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

شهيد شاگرد شاهجهان قريشي جي 17هين ورسي 8 فيبروري تي ملهائي ويندي

شهيد شاهجهان قريشي يادگار ڪاميٽي جي گڏجاڻي، تيارين جو جائزو ورتو

سول سوسائٽي جي نمائندن، شاعرن، اديبن ۽ صحافين کي دعوت پڻ ڏني ويندي

دادو (ڊ ر): دادو شهيد شاهجهان قريشي يادگار ڪاميٽي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

پيڪا ايڪٽ ڪارو قانون آهي رد ڪيون ٿا: عبيد شاهه جيلاني

مختلف طريقي سان صحافين جي رستا روڪ ڪئي پئي وڃي

حڪومت نظرثاني نه ڪئي ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

خيرپور (ڊ ر) وفاقي حڪومت صحافين کي تحفظ ڏيڻ بجاءِ /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

لاڙڪاڻي ۾ پوليو مهم شروع، 1087 ٽيمون جوڙيون ويون

ضلعي ۾ 407959 ٻارن کي پوليو جا ڦڙا پيارڻ جو ٽارگيٽ مقرر

90 فڪسڊ ٽيمون ۽ 87 ٽرانزٽ ٽيمون مقرر، 280 ايريا انچارج ڊيوٽي ڏيندا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ڊويزن جي ڪمشنر طاهر /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

سانگهڙ ۾ هٿياربندن پاران 13 لکن جي ڦر، واقعي جي رپورٽ داخل

ڪچي آبادي پاڙي ۾ هٿياربندن عدنام رنڌاوا کي يرغمال بڻائي ڦر ڪئي

رپورٽ داخل ڪئي آهي معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون: حد جي پوليس

سانگهڙ (رپورٽ گل محمد سولنگي) سانگهڙ ۾ فروٽ ڪميشن /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ٻن سماجي تنظيمن وچ ۾ سماجي ڀلائي لاءِ لکت ۾ معاهدو

ٺاهه تي جستجو جي صدف وڙائچ ۽ ايڪٽوو وومين جي نازش فاطمه صحي ڪئي

معاهدو سماجي ڀلائي جي ميدان ۾ هڪ نئين باب جو آغاز ثابت ٿيندو: صدف وڙائچ

حيدرآباد (پ ر) سماجي ڀلائي جي ميدان ۾ هڪ اهم اڳڀرائي طور، جستجو فائونڊيشن ۽ ايڪٽوو وومين فائونڊيشن گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ باقاعدي /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

حيدرآباد: جستجو فائونڊيشن ۽ ايڪٽوو وومين فائونڊيشن وچ ۾ ٺاهه بعد نڪتل گروپ فوٽو

نوشهروفيروز ۾ صحافين پاران ساٿي تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ريلي

حيدر پلهه تي ڄڙتو ڪيس داخل ڪري هيسايو پيو وڃي: يونس راڄپر

صحافي تي داخل ڪيس ختم ڪري پريشاني مان جند آجي ڪرائي وڃي: مطالبو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) پڏعيدن جي صحافي حيدر پله خلاف ڪوڙو ڪيس داخل ڪرڻ ۽ پيڪا آرڊيننس خلاف نوشهروفيروز جي صحافين انصاف چوڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

ڪوٽڙي محمد ڪبير ۾ ڳوٺاڻي جو ميڊيا ٽرائل خلاف احتجاج

ٽن گهر ڀاتين جو قاتل ۽ ٻيا ڪوڙا الزام مڙهي رهيا آهن: محمد خان گوندل

ميڊيا ٽرائل ڪندڙن کي گرفتار ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي: مطالبو

ڪوٽڙي محمد ڪبير (رپورٽر) ڳوٺ عالم خان گوندل واسي پيرسن محمد خان گوندل انصاف لاءِ صحافين آڏو احتجاج رڪارڊ ڪرائيندي چيو ته ڳوٺ /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

پٽ شاهه ۾ غازي عباس علمدار جي جشن ولادت تي ريلي، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

پير آف پٽ شاهه طرفان غازي عباس جي جشن ولادت جو ڪيڪ ڪٽيو ويو

قصيده خوانن غازي عباس علمدار جي شان ۾ قصيدا پيش ڪيا

پٽ شاهه (ن پاڪ) پٽ شاهه ۾ حضرت غازي عباس علمدار عليه السلام جي جشن ولادت جي موقعي تي ريليون ڪڍي ڪيڪ ڪٽيا ويا، /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

سيتا روڊ ۾ ساليانه درود پاڪ جي محفل

محفل انجمن غلامان قلندر جي سرواڻ غلام حيدر شاهه قلندري جي دستاربندي ڪئي وئي

طارق چارڻ قلندري ۽ شاهنواز ٿهيم قلندري نعتون ۽ منقبتون پڙهي محفل کي جهوماير

درود پاڪ پڙهڻ سان مونجهارن مان نڪري سگهجي ٿو: غلام حيدر شاهه

سيتاروڊ (رپورٽ منور اڪبر سولنگي) سيتاروڊ ۾ سماجي /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

فوجي فرٽيلائزر ڪمپني پاران گهارو ۾ نئين پاڻ جي افتتاحي تقريب ڪوٺائي وئي

زنڪ جي استعمال سان 20 سيڪڙو تائين فصلن جي اپت وڌي ٿي: نعيم اختر

زراعت کي معيشت جي ريڙهه جي هڏي چيو وڃي ٿو: شمس الظفر ۽ ٻين جو خطاب

گهارو (ن پاڪ) فوجي فرٽيلائزر ڪمپني پاران گهارو ۾ نئين پاڻ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ فوجي فرٽيلائزر ڪمپني پاران /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

”جوائنگ ڏيو“ لاڙڪاڻي ۾ اميدوارن جو احتجاجي مظاهرو

2023ع ۾ آرڊر مليا، پر اڃا تائين جوائنگ ناهي ڏني وئي: باقر علي جلباڻي

تدارڪ نه ڪيو ويو ته احتجاج کي وسيع ڪيو ويندو: حافظ نياز جتوئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ مختلف سرڪاري ڪاتن اندر سال 2023ع دوران هڪ ڪان چار گريڊ تائين آفر آرڊر وصول ڪندڙ اميدوارن /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

ساس پاٽ شريف ۽ صحافين پاران سنڌي ٻولي جي جاڳرتا بابت ريلي

سليم چنه لائبريري ڪان يوسي آفيس تائين بينر کڻي ريلي نڪتي

سنڌ ٻولي کي بچائڻ جي لاءِ هر فرد کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: خطاب

پاٽ شريف (ن پاڪ) سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف پاران سگا ۽ ايوان صحافت جي سهڪار سان پاٽ شريف ۾ سنڌي ٻولي قومي ٻولي جاڳرتا /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

عوام کي ڊور ٽو ڊور جي سهولتن جي مشن تي گامزن آهيون: آغا رفيع الله

صالح محمد ڳوٺ ۾ نادرا آفيس جو قيام هڪ اهم قدم آهي: راجا عبدالرزاق

گڏاپ ٽائون جي مختلف يوسين ۾ 4 نادرا جا سينٽر ڪم ڪري رهيا آهن: طارق عزيز

ملير (ڊ ر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، ميمبر قومي اسيمبلي سيد آغا رفيع الله، ميمبر صوبائي اسيمبلي /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

سچل ٽاڻي جي حد ۾ بدامني وڌي وئي، موٽرسائيڪلن جي چوري معمول

غازي ڳوٺ واسي احمد علي چانڊيو جي گهر ٻاهران گاڏي چوري ٿي

اين سي داخل ڪرائي آهي، پوليس فورن گاڏي واپس ڪرائي: احمد علي چانڊيو

ڪراچي اوير (ن پاڪ) سچل ٿاڻي جي حد مان گاڏين چورين جو سلسلو رڪجي نه سگهيو آهي هڪڙي ئي ڏينهن ۾ 10 ڪان وڌيڪ موٽر سائيڪلون /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

پٽ شاهه ويجهو ڪار ڦر، ڊرائيور جو انصاف لاءِ احتجاج

ٽن مسافرن ڪراچي ۾ ڪرائي تي ڪار ڪرائي: ڊرائيور اقبال احمد چنو

پٺائي تي حاضري ڀري واپسي تي لنڪ روڊ تي اچي گاڏي ڦري: دانهن

پٽ شاهه (ن پاڪ) پٽ شاهه پرسان ڪراچي مان ڪرائي تي آيل ڪار هٿياربند ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن دريا خان ٽالپر لنڪ روڊ تي 3 معلوم هٿياربندن /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

فريدآباد ۾ زائرين سان ڀريل ٽريڪٽر ٽرالي تان نينگر ڪري فوت

7 ورهين جو غلام احمد ڏهر ٽريڪٽر ٽرالي تان ڪري شديد زخمي ٿي پيو

نينگر کي ٻُڌڻي جوڳي حالت ۾ اسپتال نيو پئي ويو ته هن رستي ۾ دم ڏنو

فريدآباد (رپورٽ سڪندر علي بروهي) ڳوٺ بوڙرو واسي 7سالن جو نينگر غلام احمد پٽ واحد ڏهر شاهه گوڏڙيو تي زيارت ڪري سگا ڏئي جاچي ٽريڪٽر ٽرالي تي واپس اچي رهيا هيا ته فريدآباد ميهڙ روڊ تي ڳوٺ گهاڙي / ڏسو صفحو 2 بقايا 14

اوڏيرولال ۾ ڳوٺاڻن پاران سهولتون نه ملڻ خلاف پوليو مهم جو بائيڪاٽ، احتجاج

ڳوٺ غازي خان ساهوال واسين ترقياتي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف ٻارن کي پوليو پيارڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ڳوٺ جا روڊ، رستا سالن کان ڪنڊر بڻيل آهن، جنهن سبب منٿن جو سفر ڪلاڪن ۾ پيا طئي ڪريون: حبيب ساهوال

چونڊيل نمائندا من پسند ڳوٺن ۾ پيا ڪم ڪرائين، سهولتون نه مليون ته ٻارن کي پوليو پيارڻ نه ڏينداسين: رهواسي

اوڏيرولال (رپورٽر): يونين ڪائونسل اوڏيرولال اسٽيشن جي ڳوٺ غازي خان ساهوال جي رهواسين جو ترقياتي ڪمن ۾ نظر انداز ڪرڻ خلاف حبيب ساهوال، عمران ساهوال، مصطفيٰ ساهوال جي اڳواڻي ۾ هلندڙ پوليو مهم جو بائيڪاٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا 1

نوشهروفيروز: صحافي ساٿي تي ڄڙتو ڪيس داخل ٿيڻ ۽ پيڪا قانون خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

”عمر ۾ رعايت ڏيو“ لاڙڪاڻي ۾ ريڊرس فورم جي ريلي، نعريبازي

سنڌ حڪومت 15 سالن واري عمر ۾ رعايت ختم ڪري ملڪ ۽ آئين جي خلاف ورزي ڪئي آهي: سرتاج علي جتوئي

هن وقت به پنجاب، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان ۾ 15 سالن تائين عمر ۾ واڌ مليل آهي: سهيل احمد جوکيو

عمر جي حد ۾ 15 سالن جي رعايت ڏئي بيچيني ختم نه ڪئي وئي ته احتجاج کي وسيع ڪيو ويندو: وقار شاهه

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سر شاهنواز ڀٽو /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

گهارو نيشنل پريس ڪلب جي گڏجاڻي، اتفاق راءِ سان باڊي چونڊي وئي

گهارو (ن پاڪ) نيشنل پريس ڪلب گهارو جي 2025 جي نئين /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

اوڏيرولال: ڳوٺاڻا عورت ۽ ٻارڙن جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

اوڏيرولال ويجهو ڳوٺاڻن جو عورت ۽ سندس ٻارڙن جي آزادي لاءِ احتجاج

نياڻي ثمرين، ٻارڙن کي مڙس ۽ سس گم ڪري ڇڏيو آهي: صابر خاصخيلي

ٽنڊو ڄام ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي آهي، پوليس ٻڌو ناهي ٻاريو: جنت خاصخيلي

اوڏيرولال (رپورٽر): اوڏيرولال لڳ ڳوٺ شير محمد ٺوڙها جي رهواسين جو مبينه طور شادي شده ڌي جي ٻارن جي ماءُ کي گم ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

جبري مزدوري جي خاتمي لاءِ قدم کڻون پيا: ڊي سي نوشهروفيروز

ڊي سي لياقت بلوچ جي صدارت هيٺ ضلعي ويجيلنس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ نمائندن پاران چائلڊ ليبر جي خاتمي لاءِ تجويزون پڻ پيش ڪيون ويون

نوشهروفيروز (ڊ ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز لياقت علي بلوچ جي صدارت هيٺ ضلعي ويجيلنس ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

ڄامشورو پرسان نينگر جو لاش هٿ اچڻ وارو معاملو: ڇاپا، 10 ڄڻا گرفتار

معاملي جي جاچ ڪري رهيا آهيون، وارثن کي انصاف ملندو: پوليس

اسان سان ظلم ٿيو آهي، قتل جو شڪ آهي، معاملي جي شفاف جاچ ڪئي وڃي: وارث

ڄامشورو (ڊ ر) ڄامشورو پرسان ڳوٺ عبدالله چاوڙو مان نينگر سونو چانڊيو جو لاش هٿ اچڻ واري واقعي جو ڄامشورو پوليس ڪيس داخل ڪرڻ ڪانپوءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

ايف ايف سي پاران لاڙڪاڻي ۾ سونا يوريا زنڪ متعارف ڪرائڻ لاءِ اناج منڊي ۾ تعارفي تقريب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ ايف ايف سي طرفان سونايوريا زنڪ کي فائدي مند پاڻ طور متعارف ڪرائڻ لاءِ شهر جي اناج منڊي واري علائقي ۾ تعارفي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڏهرڪي لڳ ڪنڌڪوٽ واسي ريل گاڏي هيٺيان اچي فوت

رتن ڪمار مينگهواڙ سانڪو پڪٽ وٽ فريد ايڪسپريس هيٺيان اچي فوت ٿيو

رتن مائٽن وٽ گهمڻ آيو هو، مڙهه گهر آڻڻ تي ڪهرام مچي ويو

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) ڏهرڪي ويجهو مائٽن وٽ ملڻ لاءِ آيل ڪنڌڪوٽ واسي هندو نوجوان ڪراچي ڪان لاهور ويندڙ فريد /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

دادو ۾ ڳوٺاڻن پاران تيل ڪمپني خلاف احتجاج، پوليو مهم جو بائيڪاٽ

ڳوٺ صديق جمالي جي رهواسين محمد جمالي جي اڳواڻي ۾ او پي پي ايل خلاف نعريبازي

تيل ڪمپني 9 سالن ڪان زمين تي قبضو ڪري ويٺل آهي معاوضو نه پيو ڏنو وڃي: ڳوٺاڻا

اسان کي معاوضو ڏيڻ بدران ڪوڙا ڪيس ڪرڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن: محمد جمالي

دادو (ڊ ر) تيل ڪمپني پاران زمينن جو معاوضو نه /ڏسو صفحو 3 بقايا 7

نصير آباد پرسان مولا امام حسين ع جي آمد بابت پروقار محفل

جماعت اصلاح المسلمين طرفان ڳوٺ برانچ سعيد خان پنهور ۾ تقريب ڪوٺائي وئي

يوسف پنهور نعت ۽ مسرور علي منقبت پڙهي، تقريب ۾ ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو

نصير آباد (رپورٽ اعظم ٽگڙ) نصيرآباد لڳ ڳوٺ برانچ سعيد خان پنهور ۾ روحاني طلبه جماعت جماعت اصلاح المسلمين طرفان مولا امام /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

نصيرآباد: مذهبي جماعت پاران حضرت امام حسين عليه السلام جي ولادت باسعادت جو ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

بااثر سئو ايڪڙ زمين تي قبضو ڪرڻ چاهين ٿا: ايڊووڪيٽ غلام اڪبر جتوئي

پوليس چڙهائي ۽ ڪوڙا ڪيس ڪري هيسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

عدالتي فيصلو به منهنجي حق ۾ آيو، تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي: پريس ڪانفرنس

ملير (ڊ ر) ايڊوڪيٽ غلام اڪبر جتوئي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته منهنجي سئو ايڪڙ زمين جيڪا ڪانوڙ ويجهو واقع آهي جنهن تي هڪ سياسي ڌر جا اڳواڻ قبضو ڪرڻ چاهين ٿا، مختلف حربا استعمال ڪندي ڪڏهن پوليس چڙهائي ڪري زمين تي قبضو ڪرڻ گهرن ٿا ته ڪڏهن ڪوڙا ڪيس ڪري /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

لاڙڪاڻا اسپورٽس ويڪ جي ٽئين ڏهاڙي به کهڙا ڪامپليڪس ۾ راندين جا مقابلا جاري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ چيئرمين ڏڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

سنڌ حڪومت جو عزم
بنا دير جي، ترت امداد

امل عمر ايڪٽ 2019 تحت ڪنهن به حادثي جي صورت ۾ زخمي ٿيل ماڻهن جي نجي يا سرڪاري اسپتال ۾ علاج جو خرچ سنڌ حڪومت برداشت ڪندي.

عوام جي ڀلائي ۽ ترقي لاءِ سنڌ حڪومت انقلابي قدم کڻندي ”زخمين جي لازمي طبي علاج (امل عمر) ايڪٽ 2019“ فوري طور تي لاڳو ڪيو ويو آهي. هن ايڪٽ تحت ايمرجنسي جي صورت ۾ زخمي ٿيل ماڻهن کي تڪڙي طبي امداد فراهم ڪرڻ ضروري آهي.

اهم نقطا
زخمي شخص کي تڪڙو علاج ملندو، پلي قانوني ڪارروائي مڪمل چو نه هُجي.
هر شهري جو فرض آهي ته ايمرجنسي ۾ زخمي شخص جي مدد ڪري.
هي ايڪٽ سڄي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي

ڪنهن به حادثي جي صورت ۾ تڪڙي علاج لاءِ
1122 تي رابطو ڪيو.

SINDH
INTEGRATED EMERGENCY
& HEALTH SERVICES

زندگي بچائڻ لاءِ اڳتي وڌو!
صحت کاتو، حڪومت سنڌ
INF/KRY/423/25

هيءُ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سم پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي